# راج گهاٽ تي چنڊ

شيخ اياز



هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڄ گھاٽ تي چنڊ

شاعري

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

1987ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **ڏوانوي**

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | آڪٽوبر 1987ع |
| ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي | فتاح هاليپوٽو |
| **قيمت** | 40/- رپيا |
| آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان | 60/- رپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

**RAJ GHAT TE CHAND (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition October 1987. Price Per Copy Rs. 40/-**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| مهاڳ | [10(x) - 1] |
| بيت | [17 - 13] |
| وايون | [110 - 31] |
| راڄ- گهاٽ تي چنڊ... | 31 |
| ڇا هيءَ ساڳي ناوَ .... | 32 |
| ”ناگپور تي وماسَ ۾ هڪ رات“ | 33 |
| ”گوداوريءَ تي باک“ | 34 |
| بيڪس، ڪنئيو- روهڙي .... | 35 |
| جهٽَ نه جيئان تو بنان .... | 36 |
| رابيل- رُت، مايا نگر .... | 37 |
| اڃان به آڌا .... | 38 |
| ”١٩٨٧ع“ | 39 |
| ڪلڪتو، ڪانڌي .... | 40 |
| هي جي آيا هيٺ.... | 41 |
| پڙ ۾ آهه پچار .... | 42 |
| هوءَ جا ڳجهي ڳال .... | 43 |
| ڏٺي منجهه فرنگي- .... | 44 |
| ٿي پري ليئن ڪراڏ .... | 45 |
| آيو سڄّ مٿان .... | 46 |
| ڏرتي! بس تو سان .... | 47 |
| انت تہ اڇڙو آنهه .... | 48 |
| ’ڏون‘ ڏي ڏون آهين.... | 49 |
| ڏون ٿيرهن سؤ سال .... | 50 |
| آهه ساڳي پارڪر- .... | 51 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| سکر! ڪالهه ڏٺو هيو، تو جيڪو هيمون.... | 52 |
| هيمون ڪلاڻي.... | 53 |
| ٿي ويا ناهر ڏنار.... | 54 |
| هاڻي ته پري ناهي.... | 55 |
| هاڻي لکين ڏليون.... | 56 |
| هي جي ڪيئي ڪن.... | 57 |
| هو مون ڪان ڇا لاءِ ڏکن ٿا.... | 58 |
| رات پير تنهنجي پڪار.... | 59 |
| ڏر تتي پيئي ڏڏي.... | 60 |
| رات، نڪارا گهٽا.... | 61 |
| ماڳ ڏسي جي مرڪن ٿا.... | 62 |
| "١٩٩٥ع" | 63 |
| سوسيون سبايو.... | 64 |
| آهن بند ڪواڙ.... | 65 |
| ترم چٽڪي آهي.... | 66 |
| اوچتو ويندين ملي.... | 67 |
| اڄ ته اوچا آڪ.... | 68 |
| گنديون ڇپايو.... | 69 |
| هو آوچو آڪاش.... | 70 |
| جٿن جٿن گهٽي جاڙ.... | 71 |
| ڀڪي ٿي پڪرال.... | 72 |
| ڪالهه هيا آڙنگ.... | 73 |
| ڊو تيندا ڊاتيئڙا!.... | 74 |
| گجن ٿا گجگاٽ.... | 75 |
| ويل آن ساهي پٽڻ جي.... | 76 |
| مٿان وسي ماڪ.... | 77 |
| تاريون هوئن نه ٽوڙ!.... | 78 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| اوڳي اوچي ڳاٽ.... | 79 |
| مٿي ته تو وٽ مٿي.... | 80 |
| ناهي ڪا نٽشي.... | 81 |
| ڏيندي وڃ وڪڙ.... | 82 |
| ننوڙي ننوڙي پيهه،.... | 83 |
| هي جو گيت اڌورو آهي.... | 84 |
| ڌرتي، مون سان وڙ.... | 85 |
| اٿي آڌيء رات جو.... | 86 |
| ڪيسين لڪ لڪي.... | 87 |
| جي تنهن ڪائي وٽ،.... | 88 |
| وٺن پيا وات تي سورج مکيء گيت.... | 89 |
| پيو مينهن وسي.... | 90 |
| برکا رت، آڌ رات ڇڇهري،.... | 91 |
| منهنجي سيني تي اچان.... | 92 |
| بادل ٿا پرين،.... | 93 |
| توکي ڪئن ساريان.... | 94 |
| کهڙي ڪرڻفل.... | 95 |
| اونهاري چون راتڙيون.... | 96 |
| اهڙي اگي گهٽي.... | 97 |
| آنيوء جو پن پن.... | 98 |
| سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ.... | 99 |
| ڪيترا ڏينهن برن ٿا، رات آئي،.... | 100 |
| نوري! مهاڏا.... | 101 |
| هي جو منهنجو ماس،.... | 102 |
| پوئين وير اچي وئي آهي،.... | 103 |
| ويئي ڙي ويئي.... | 104 |
| ڪيترو تو ۾ آهاء!.... | 105 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا .... | 209 |
| ڪالهہ جڏهن مون واريءَ ۾ .... | 210 |
| ٻاڪ ڦٽيءَ جو روز ٻڏان ٿو .... | 211 |
| ”اورنگيءَ ۾ فساد“ | 212 |
| ”اپريل 1985ع“ | 213 |
| ٿرڊ ڪلاس جي گاڏي ۾ هوءَ .... | 214 |
| نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي.... | 215 |
| ڳيرو/ ڳاڙها/ ۽ ڳيرو وارا .... | 216 |
| هي ڏيکارا/ رنگارنگ گلن جا ٻارا .... | 217 |
| ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن.... | 218 |
| ”دهشت پسند جو موت“ | 219 |
| اڄ ٿن جي بندوقن مان .... | 220 |
| هي وڻ، جو ڪجهہ نيوڙي پيو آ .... | 221 |
| ون بہ ساڳيو واس بہ ساڳيو .... | 222 |
| ”فاشي فوج جي شڪست“ | 223 |
| عمر گذري وئي/دک هن ديس جا .... | 224 |
| انقلابي اٿو ! .... | 225 |
| جيءَ جي جلاوطني .... | 226 |
| هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا، .... | 227 |
| رات جي سياهيءَ ۾ .... | 228 ـ 229 |
| گيت بہ ڇڻ گوريلا آهن، .... | 230 |
| ڇوت ڀرندي رهي .... | 231 |
| پيلناهو | 232 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي اگ - گهٽتي
ڪهڙيءَ ڪوٺيا ڪي هٿي؟
ڪنهن هٿن ڊاڻهن ٻڌي هٿي
ڏ ڪي ڌرتيءَ جي؟
ڇا اگ ڏيهه ڏنا هيا
ڏاهپ هٿن ڏمبري؟
من - پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪُرلائي؟ (وايون، ص ۹۷)

سهڙي جا سيڪات تي، ڪنوڻ سا ڪاٺوٽ
متان ڪائو موٽ، ساري سنڌ ٻري پئي (بيت، ص ۱۶)

هي جو ريتُ رتو آ، ڪيسانو موريءَ،
آٽي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اٽ ڪيتري! (بيت، ص ۱۷)

او شل ٻهي ٻوهه، ڪائي آ ڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو! (بيت، ص ۲۰)

اڇي ٿو هيڪارَ موت ته سيني جي متان،
مئي ناهه ميارَ، جي تون جيئين جسُ سان. (بيت، ص ۲۱)

هي سرءُ چاليهه سال!
روز سا ڳا ڏينهڙا!
سچ آيري ٿيو، آٿن ٿا سوچ پر سا ڳا سوال-
سچ آلهي ٿيو، سنهن تي ٿا ملن سا ڳا ملال-
ها، فقط سرها لڳن ٿا، اڄ به ڌرتيءَ جا دلال-
هو وسنتي ويس پائي، ٿا هٿن ڪوڙا گلال-
ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هاڻي پلاڻي آءُ پال!
روز سا ڳا ڏينهڙا!
روز سا ڳا ڏينهڙا!
روز سا ڳا ڏينهڙا! (وايون، ص ۳۹)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ٻري لينن-گراڊ-

بم برسن ٿا پيا،

’اولگا‘ جي شاعريءَ ۾

اڄ ب ــــ، نازي آهہ ياد ــ بم برسن ٿا پيا،

اڄ بہ منهنجا ديس تو ۾

ڇــڻ تہ نازي بدنهاد! بم برسن ٿا پيا،

اي ڌڪڻ! گهـٽندين ڪڌهن تون

آهہ اي بــادِ مـــــراد ــ بــم برسن ٿا پيا، (وايون، ص۰ ۱۴۵)

ڌرتي! ٻس ٿوسان

ماڻهوءَ ٻولَ نہ پاڙيا!

آڏيءَ مانجهيءَ گيت ٿو ڳايان آءٌ اڄان،

سپني منجهہ رچي وڃي ماڻهو نيٺ مٿان!

(ماڻهو سپنا ٿو آڏي پنهنجي رتُ پـڻهہ مان)

رانئي جــرُ ٿــرُ آئيو ڳــاڙهو ســڄ مٿان! (وايون، ص ۱۴۷)

’تون‘ تي تـــون آهين

منهنجــي پـــون آهين،

او آيل! اَو سنڌڙي!

منهنجي ساري ذات تون

منهنجي ’مون‘ آهين- او آيل! او سنڌڙي!

تون ئي منهنجا بيت آن

تــون وايــون آهين- او آيل! اَو سنڌڙي!

اڃان نڪتي چونہ تون

ڪاهيءَ ڪؤن آهين؟- او آيل! او سنڌڙي!

ويڙيءَ جي والارَ ۾

ڏينهن تہ ڏون آهين!- آو آيل! او سنڌڙي! (وايون، ص ۱۴۹)

بادل ٿا برسن
جيڏا، وري جهوڪ ۾ نئين،
شاهہ عنايت آپ مان، چمڪيو چن چن،
نہ تہ سونگي سنڌڙي، نہ تہ ڏاڍي ڏن!
منهن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڄان، مري جي نہ مرن! (وائون، ص ٩٣)

پير ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن جي ڪيرڻ جيان نہ پڇو!
رت روڪي وڙهو ’اياز‘ اڄان،
ڪانئرن جي پڇڻ جيان نہ پڇو! (غزل، ص ١١٩)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونهہ آ،
مري ويو پيو ڪو. (تہ سڻتا، ص ١٢٤)

اکيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
آئي جهٽيو ڙي! (تہ سڻتا ص ١٢٥)

موت نہ ڪاڏي مات،
وري سج لُهو لُهان
راهوڪيءَ تي رات! (تہ سڻتا، ص ١٣٢)

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رت ڌوپي ڇڪو آهي،
۽ آها رُت ويجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا آڇا پُشپ
من جي پوترتا وانگر ٽڙي پوندا آهن..... (نثري نظم، ص ١٥٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڌاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياٽيون آهن
جي ورسن مان مَنهنش ڏسن ٿا.

وشيءَ جيئڻ ڪو مقدر آهي
ڇا اِن ۾ ڪوئي ڊر آهي؟

سورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن کان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!     (نظم، ص ١٨٠)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
چئه، تو کان ڪو مُلهه گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اهي اُڏن لڳندا
اِندرمان جي چاندوڪيءَ ۾
ڇو ڪي هڏڙا پکڙيل آهن.

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهين
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!     (نظم، ص ١٨١)

www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

ڪنهن جو خون وهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڊاير؟
تو ڪي ڪيئي سال مٿي ٽيا
رُومَ رُومَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي به مٽيءَ سان مٽي ٿي ويا
ڪالهه مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ سا ڳيءَ وردي ۾
سا ڳي هولي کيڏي!... (نظم، ص. ٢١٣)

وَنُ به سا ڳو واسُ به سا ڳو،
مَنُ به سا ڳو ماس به سا ڳو،
..........................................
هڪ ٻئي سان گڏ چونه جيون ٿا؟
هڪ ٻئي کي سڏُ چونه ڏيون ٿا؟
هڪ ٻئي جو مٿ چونه ٿيون ٿا؟ (نظم، ص. ٢٢٢)

هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا،
مگرمانڌُ تي ناچ نچن ٿا.

مگرمان جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪ ٻئي پويان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي ٿائين، پاڳهيءَ ٿائين،
ڪَنڌ ڪَنڌ ۾ ديپ جلن ٿا،
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اُنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي بہ اُٿن ٿا،

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چوائيءَ، هن جي ”زندگيءَ جي پوئين پهر جي شاعري“ آهي. اِنهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڏکتيءَ ڪتي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي ڪان پوءِ جي اوني جو اظهار به ملندو- جيئن مثلاً صفحي ٦٧ واريءَ وائي ۾:

ويل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.
مان آين ۾ ڪيئن رهندس
نون پڳلائي نانهه پيون!

هو وسي تو وڏ - ڦڙو
سايون ٿين ٿر ۾ پٽون!

جيءَاچان موٽي ته مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

يا، جيئن صفحي ١٧٣ واري نظم ۾:

اڄان آجهاڻل ڏيئو ناهيان
تون جو اڃئو آهين، آهَ!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنهنجي ڪي تائين سانيرتي!

چاڻ پرهه جا پنڇي آڏريا!
تورڙي پوئين آهي ويرا،

منهنجي جوتاچان به پري تي
اچا تڪيان ٿـو تنهنجا پيرا.

اچان بـه ساڳيو ليٽو آهيان،
اڇٽو آهين جـسـي، تون آءٌ!

يا، ”سارو عرش منوّر آهي“ (ص ١٨۴) واري نظم ۾:

....ڇا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو:
ڇي، ”هي شعر اڌورو آهي“،
”ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو“،
”جهونگاري سوچيائين ٿي جو“،
”پانيان ٿو اڌورو آهي!“....

يا، جيئن ص. ٢٢۴ تي آيل سندس نظم:

عمر گـذري وئـي
دک هن ديس جـا
اڄ بـه ساڳـا هئا
جي هئا مون ڏٺـا
سال چاليهه اڳـ،
ڪوبـه ڦيرو نـه آ
ديس جي دانهن ۾!....

١٩٧٦ع کان ١٩٧٩ع تائين، جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽، اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهه عرصي ۾ به، نه لڳڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ آها رواني نـه رهي هئي، تـه هن فقط نثري نظم ”پتڻ ٿو پورَ ڪري“ (١٩٨٢ع) وارا لکيا هئاـ جيئن گرروديو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهه ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجيءَ منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽئگور وانگر اياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ آها ڳالهه نه هئي جا شاعر مان متوقع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن تو لاءِ سڳنڌ جون
ڪيئي ڳليون ڳولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
ڀڪي ڪي ڀرڏيھہ جاءِ
پنهنجي ڪيچ جو پنڌ مٿان
ريکون نيڻ رتولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
ڀڪي ڪي ڀرڏيھہ جاءِ (وايون، ص ٨٦)

باک ڦٽيءَ جو شعر لھن ٿا
مون تي سج-اُڀاءُ ڪري؛
رت اُڀڙڪا ڪائي ٿو ايئن
ڏينھن ٽٽو جڻ ٽاءُ ڪري!
سارو وقت تہ رھندو ناھين،
ويندو آنھہ سماءُ ڪري!
ڪيسين ڪوءِ ڪلالن جي ۾
منھنجي ذات ھڳاءُ ڪري؟
آءُ تہ آدرياءُ ڪري ڪو
تنھنجو آدرياءُ ڪري! (نظم، ص ١٧٢)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
'وڪٽر جارا' ڪي.
ھي جو چِليءَ جو راڳي آ
منھنجي پياءُ جيان آ،
اُن جي دکياري ڌرتي چئُ
منھنجي ماءُ جيان آ. .... (نظم، ص ٢١١)

اياز جي شعري فن تي لکندي، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"
(١٩٧٠ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو تہ "اياز پنهنجي ادبي تخليق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فني اوچائيءَ جا سنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي انهن ڪان مٿي ايري ٿو، ۽ پوءِ مون هن جي ”سادن ۽ سهڻن لفظن ۽ انهن جي چونڊ ۽ پوري پوري استعمال“ جو ذڪر ڪيو هو، ۽ لکيو هو هن جي ”شعر جي نغمگيءَ ۽ اُن جي دلبرانه انداز“ بابت، ۽ هن جي ”نمايان ۽ نزاڪت ڀرين وزنن ۽ بحرن“ بابت، ۽ پڻ ”ڊگهن بحرن ۽ انهن جي جولاني ترنم“ بابت، ۽ ”هوا کان هلڪن رديفن ۽ قافين، ۽ هندي ڇند جي بنهه معصومانه ۽ من موهيندڙ استعمال ۽ لوڪ گيتن جي ڏنن ۽ انوکين علامتن ۽ اشارن“ بابت، جن سان هن جا پڙهندڙ هن جي آڇيل معنائن جي موتين سان پنهنجا جهول ڀري ٿي سگهيا ۽ سنڌن دل ورائي ورائي هن جي شعرن ٻڌڻ لاءِ آتي ۽ زبان انهن جي نغمن کي وري وري جهونگارڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اياز جي هن تازي ڪلام جي فني اوچاين لاءِ پڻ آءٌ اهوئي ڪجهه چئي سگهان ٿو. اياز جي شعري اظهار ۾ مون هميشه هڪ ڳالهه ڏٺي آهي، جنهن کي آءٌ جذبي جي ڌارا (Stream of Passion) به چئي سگهان ٿو، شعور جي ڌارا (Stream of Consciousness) وانگر. ادب ۽ فن جي ڪاوش ۾ جڏهن اِهي ٻه ڌارائون گڏجن ٿيون، يعني جڏهن شعور جي ڌارا کي جذبي جي ڌارا — اُمنگ، اُتساهه، عشق جي ڌارا — ميسر اچي ٿي (جنهن کي ٽي. ايس. اِليٽ ”اندر جي ڏُنَ“ ۽ اسان جي لطيف ”اندر جي آگ“ چيو آهي)، ۽ پوءِ جيتر اهي ٻيئي ڌارائون ڪنهن اديب ۽ شاعر سان شامل حال هجن ٿيون، تيتر جيڪا تخليق وجود جي ٿي، اُها پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن خاص ڪوشش يا اڳ رٿا جي به محتاج نٿي رهي. ائين ئي اياز جا ڪيترا نظم آهن جن جي ڪائي مقرر يا ٻڌل صورت (fixed pattern) نه آهي، جي پوءِ به پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا، ۽ پوري آب تاب سان پهچن ٿا؛ ۽ توڙي جو انهن جي وچ جون سٽون هم قافيه نه آهن ۽ انهن جا ڪي پادَ يا مصراعون به ناتمام هجن ٿيون، ته به انهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان به وڌ ملي ٿو، انهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهه نوان، جن

لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه به ڪن ٿا؛ اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اهڙي ڪجهه ڪري سگهن ٿا؛ ۽ اڄ اهڙي فرض ادا ڪرڻ کان انهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هم تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:—

(۱)

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ڳاڳيون، ڳچر ڳنڍير ڏسي،
سچ جي پاڇي ڏانهن ڏنو،
سون ونني ساوڻ هئي
منهنجي ڦيري ڇپڏانهن ڏنو.

تيسين ٿي تهڏانهن ڏنو
سارو سچ پڌي ويو جيسين،
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جڏهن ياسر عرفات ڏسي،
چپ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رت لڳن!

(۲)

گيت به جڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جڏهن جڏهن جاڙ وڏي تي جڳ ۾
هو بوليءَ جي آڙ ڇپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهه پهاڙ ڇپن ٿا؛

ڪيڏي ٽِرچي ٽاڙ رڪن ٿا
ٽِڙ ٽِپري لاڙ ڇپن ٿا؛
ساوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٿي آڪاڙ ڇپن ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيت ٻه ڇڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

— محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد سنڌ
نومبر ٢٠، ١٩٨٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڻ - ٻارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ اُتي جي،
ساري ٿي تن کي، اُپري ٻاک بسنت جي.

آڙيا کن اُپاءَ، هيٺان هانءَ جهلي ڪري،
نيٺ ته ورندو واءُ، نيٺ ته ڦرندا ڏينهڙا.

رڻ ۾ ٿي ريڌار، متان تارن ٿپڪڙا،
ريون ڏارون ڏار، شل ڪو اُپري ڏينهڙو!

ڏکڻ کان آيا، اُتر تي اوتون ڪري،
پنهنجا پرايا، ويري منهنجا واهرو.

ڦرندا ڦرندا ڏينهڙا، سدا ڳا نه رهندا،
اچن ٿا ڪهندا، ڪارا ڪڪر ديس تي.

آيا ڪارونڀار، ڦري ويا ڏينهڙا،
ڪيڏا باغ بهار، ٿوتي ڌرتي ديس جي!

'اڄ هو منڌ مليرتي، آئي ڪي آئي'،
وائي سوائي، منهنجي ڏکيءَ ذات جي.

توکان ملڪ ڪان سوا، متان آءُ مران!
ڏنو آنءَ ڏران، ڏاڍو ويڇو آنهه تون.

اچين ٿو اونار، جهونڙا ست جهمڪن پيا،
تکي تنهنجا پار، جاڳيم ڪيڏيون راتڙيون!

ايندين، ايندين اوچتو، پيهي ايندين پاڻ،
ڏکيءَ ڏيندين ڏاڻ، پنهنجو پاند پناهه جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو ڪو ڇپر ڇٽ، پير پنا مون پنڌ ۾،
هي جو منهنجو گهٽ، اڄ به ڪجهه اوري ٿئي.

اڄين پيو ٿون، پرين پنهنجي پار ڏي،
اڳ نه ڏٺو مون، توکي ايڏو ويجهڙو!

اڄا نه آيا، پنهنجا وڃڻ ڏينهڙا،
لايا سڄايا، اڄا آهن ذات جا.

واري سندو پنڌڙو، پورو نه ٿيندو؟
ڇا هو نه ايندو، جنهن آئي مون سڪ ٿئي؟

مٿان تو ميار، اڄا منهنجي آ ميان،
پهچڻ پهچڻهار، جڏهن مون ڪي پنڌ ۾!

اڄا ٿا چاهن، پڙڻي پهڙائو ٿيون،
اڄا ڪجهه آهن، ساٿيا منهنجا سانپرو.

گڏل ورنيون گجراتيون، ڪراچي جي شام؛
هي به ته منهنجا عام، توڙي سڀ نه سنڌ جا.

توڙي ٻوليءَ ڀي اتن، پنهنجا ٿي آهن،
مون جئن ٿا چاهن، سڀ ٿي ساڳي سڄ ڪي.

هيءَ ساڳي تاريخ آ، سڀ جي شڪاري،
مان ۽ ڀهاري، سڀني رولا رڄ جا.

ائين نه اڄي اوچتو، ٿڏي هير ٿرن!
اڄا مونجهه مرن، پيارو پل ته ملير ۾؟

ڇا ڇا منهنجي مَنِ، آهي اڄ اڌرات جو،
ٻيون چَنڊ چمَنِ، چوڏس چڙهيو لهريون.

ٻاٻيها پيهارَ، ڪَڏهن ويندين ڪيچ ڏي؟
ڇا هئو منهنجا يارَ، اڃا آهن جيئرا؟

ٻاٻيها پيهارَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ٿر تي لال ليارَ، ٽِڙي پوندا اوچتو.

وري وَڳهه ڪوٽَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ايندا ڳاڙها گهوٽ، دودا منهنجي ديس جا.

اِئين اچو آگمَ، گوڙَ ڪري گهمسانَ،
ڪلهه جئن ٻيا ڳُو ٻانَ، ڳاتا هيا دوهڙا!

ڇتيل ڇنيءَ جيئن ڪا، روپا ماڙيءَ تي،
ٻيهر شال اچي، آزادي هن ديس ۾!

ڪٿي ڪٺان ڪيترو، ٻيرين ٻيراڙيون،
وسنيون اُجاڙيون، جن وينديون هِن جُوءِ جون!

او شل لهن اوچتو، ڏولاوا ڏيهن،
پرين شل پهچن، ساهه ڪٿون ڪو سک جو.

آئن جهاپا جهاليوان، او شل ڏسان آنءُ،
ونان تنهنجو نانءُ، گوتجن ٻهڙ ٻپ جا.

آمڙ ڏاج رَگائيا، تنهنجي لاءِ ڪنوارِ،
پوري هانءُ نه هارِ، ويجها ڏوليءَ ڏينهڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ ڪيا گجگوڙ اڄ، اوچا ڪڪر ڪن،
جيئن ڏٻي ڏر، ڪرن ڪوٽ ڪلور جاءِ

ڇڙيءَ ڇڙي ڇت ۾، مٿان ڪيو ماڻ،
توڙي ڪانئون ڪاٽ، سار اوهان جي ساهه ۾.

آهو ٿي آهيان، مٿان پاڻيو ڪو پيو،
اڃا ٿو ناهيان، ڳاهون ڳاڙهي سنج جيون.

ڳس، ڳل قُل موڙجن، جيئن وسن مينهن،
تيئن ڏکيا ڏينهن، ڪيئن به آهن ڪاٽيا.

ڇئجي ڪيئن آلا، ڪڏهن ايندا پيار ڪيو!
سيئن ننڊ نه آ، ساري رات سمهوند ۾.

مون هوندي مون وينتي، او شل اڳهائين،
او شل موٽيائين، مٺا ماڻهو ڏيهه جا!

مٺا مرڪن ٿا پيا، آئيندي جي اوٽ،
هو جي گهڙيءَ گهوٽ، ڇڏيون سارينديون گهٽو.

سورج پرج ساڪ، آءٌ نه اڇهاٽو ڪڏهن،
منهنجيءَ لوئيءَ لاڪ، سدا ڳاڙهيءَ باڪ جئن.

سهڙيءَ جا سيڪات، تي، ڪنون سا ڪاٽيوت،
مٿان ڪائو موٽ، ساري سنڌ پڙائي پئجي.

آيا اوهيڙا ڪريءَ، مٺان مون ماندڻان،
پيهه ڍلي پياڻ، پرڪار ٿ جا ڏينهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان چٽيو ناهه ڪا، گاج مٿان گرنار،
ساوڻ اڄ سنگت ڪئي، پيچل سان پهار،
چوڌاري چمڪار، آيا ڪينوڻ ڏينهڙا.

وسُ اڇا ڪجهه وسُ، موتي وڄ نہ مينهڙا!
آتي گاهه ڦٽي پوي، جتي گوندر گسُ،
وري ڏاهن ڏسُ، وسي ڪنهن وڏڪار سان.

هي جي شير شهيد ٿيا مري نہ جيڪي مات،
تارن تن جي تات، ساري رات سڄاو ہہ.

هي جي شير شهيد ٿيا، ڪيسانو موريءَ،
ٻڌا ريتي رت جي، ڏورانهين ڏوريءَ،
ڏرتيءَ ڪڪوريءَ، سانڍيا پنهنجي سناهه ہہ.

هي جو ريٽو رتُ آ، ڪيسانو موريءَ،
آڻي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُٽيت ڪيتري!

هي جو رتُ ابوجهه آ، آنهيءَ جا امڪان،
نہ چاتا نادان، اڇا پنهنجي ڪيپ ہہ.

سوپ ڪتي سڙها ٿيا وارو وڃائي،
ليٽڙيون پائي، رانول پنهنجي رتُ ہہ.

سرُ سرچو سائيھ سان، متيءَ سان ماٿو،
ڪونهي تنهن ڪاٿو، اوچو آهي آپ کان.

ترقي جو تاريخ ۾، اڄ ٽپو ڏنو آ،
آزاديءَ جو آ اڄ، پري ڪيڏو پنڌ!
هيءُ انهن جو هنڌ، مري جي ماهو تيا.

جيسين انهن اونچو، سوپ ڏٺي، سائين،
متان ائين پائين، ماريءَ موت ڦٻي ويا!

ٽڪ اندر تاريخ جي، جي تون سمائين،
متان ائين پائين، سارا لاش لڙهي ويا!

هي جو ڦڙو رت جو، وڏي ٽنهن جي وٿ،
متان ڪرين ڪٿ، سوپ نه آهي سٿري!

سوپ نه آهي سٿري، مڱي سگهر توڪ،
لُونءَ لُونءَ واري لوڪ، مرن تا ان ماڳ ۾.

هي جي جهجها جهڙ ٿيا، مٽيءَ مهڪ آئي،
ڌرتي رت رتي، ڦولي لال ليار جڻ.

ڪٿها ڪاله ڪڪوريا، جيئن ڏاڙهن ڏار،
مري مٿهيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

آهن آڌيءَ رات جو، واڪا ٿيون وڙن،
نيڻن مان نيرن، ڳاتيون تن جون ڳالهڙيون.

ڏيڙهو ڪٽن تار، سر انهن جا سوپ ۾،
مري مٿهيا يار، ويڙها سپ واسي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪو سوچي سوپ جو، سوپون هٿ نہ سوچ،
وَرُ هيءَ تن جي لوچ، پلئہ پل جيڪي پوي.

آڏر آڏر ڪونجڙي ڪرڪي مٿان ڪڇ!
اِجهو آرڏي آڇ، لٿي ڪاري ٽڙ تي.

اوشل ڪرين اوچتو، اکين سان اُپڪار،
اڄ تون اڇٽهار، تو لئہ تڪيان ڪيترو!

چنڊُ پري تو چيٽ جو، سونُ ڪٿوريءَ جيئن،
اڳ نہ ڏٺو ايئن، مون پنهنجي آدرش ڪي.

آتر ڪونج نہ ڪٽڪندي، پيهر مون ڪان پوءِ،
مون سان ساري لوءِ، وَلر لئہ وايون ڪري.

پکين منجهہ پچار، ڪٿ ڪالهو ڪيون ڪونجڙيون،
الا ڪنهن ڪي سار، ڪڏهن آتر ڪٽڪندو!

چڳي موتين هار جئن، چار ڏسين چوڌار،
سنڌڙيءَ ناهي سار، ڪٿي اُن جون ڪونجڙيون.

ٽڙيءَ ۾ ماٺو لڳا، ڳڳاٽيل ڳيرا،
اڳيان آکيرا، منهنجو من مهٽڻ لڳا.

ڪن ٽوپائي ڪوڏ مان، ڊانها اڳ پيا،
سورهيہ سپ ويا، اڄڪلهہ لڪي لوڪ ۾.

آڄُ ڪو اُپري اوچتو ڪارا ڪارونيار!
رڻ ڏٺا ريدار، سائي پن لئہ سڪندا.

او ٿلهه ڏهي ڏوهه، ڪاٺي آگ ڀري پٿي،
لوهه ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو.

ماڳ ڪيپيندو منزلون، ڪاهيون پيو ڪاهي،
آئي، هڏ نه ساهه، متان رات مٿان پوي!

تون ڄڃو سڏ پائي، تون ڪٿي مات ڪري وٺين!
تو ڪٿي لنوائي، ٻڏي ڪوڪ ٻڌي ڪنهين!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي قطارون ڪونجن،
ڇا ڇا منهنجي من، سارون رات ڪريڙيون!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي واريءَ وڇائا،
مون ۾ سمائا، سڏڪا ڪيئي سانت ۾.

ڪوپا ڪوهستان جا، ڏسان پيو آنءُ،
اڇا تن جو نانءُ، پٿڻ منجهه پلي پيو.

ايندا ايندا اوچتو، تو لئه مٽرس مٺيار!
سنڌڙي تنهنجي سار، هڙ ئي پٽي هانءُ ۾.

ڪڙي نه ڪڙڪي، واهر ويهر اچي وٺي،
ويريءَ تي ڪڙڪي، آفت ڪائي اوچتو.

ڏينگر ڏاڍائون، ڀوڙيا پٽيان مارئيءَ،
جيسين آنڌائون، پيهر مسند ملير ۾.

ايندو اوهيڙا ڪري، ترسو ڪجهه اڃان،
لاهيو ميڙ مٿان، آگم منجهان آسرو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين آئي ري آپ ۾، مينهن پئي ري ماندان،
تيسين پنهنجو پاڻ، ڌار نه ڪجهه ڏڻ ڪان!

ڪڏڪيا ڪجهه، تم ڪنوات، توڙي ماڳ نه ويجهڙو!
اڃين ويندڙي واٽ، پيارڙي هئي پيونءِ تي

ڦيٿيڙ ڪن ڦيرڙاٽ، ٽوڙي آٽو واءُ ۾
پوءِ به ساڳي واٽ، پئو وٺي ساڳيا پنڌڙا!

سارو ڏارون ڏاڻ، ڪتيءَ ڪيڪرُ آپ ۾
اڃن شل پيهار، ماڪڙ وانگر ميٺڙا!

اوڏا اڏي ترجهڙا، هي جي ويٺا ڙي،
متان ڪو تن ڪي، ڏکي پنهنجي ديس مان!

اڃهو ڏيئي ڏڌ ر، ڪريا ڪوٽ ڪلور جان
هيٺيون هانءَ نه ڪن، باقي ٿورا ڏينهڙا.

وري رات پسني، وري تارن ٽڪيو،
ڪاڏي ڳنڊ چئي، ڪيئي ڳيت تڙي پيا.

وري ٿي ورن، گڻسن ڳل ڦل ڦوريا،
وري واسيا سيپان، وايون مهڪيون واٽ تي

چنن تي چمڪار، وچون ورڻون آپ ۾
اڄ جيڪيا وشڪار، مٽ نه آن جهي مينهڙا.

اچي ٿيو هيڪار، موت ته سيني جي متان،
سڀئي ناهه ميار، جي تون جيئين جڳن سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن هيءَ جوڙي جوڙ، ڪنهن هي وِڃائي ورائيو؟
سڀيئي سُگهڙ توڙ، آئون ڪيئن جهر ڪنديس؟

پاڻ ونڊيون ٿيو ڪرين، سوچين نه ٿو تون،
پيرن هيٺان پون، چار ڏهاڙا ڏاڍ ڪي.

ميتان تارو آپ مان، تيز ڪي چڙهي ٿيان،
ميتان تون ايمان، لاهين پنهنجي لوءِ مان!

هُو جي پيالا پُر ڪري، پيئن مُنهن لائيو،
سچ! ڪري سعيو، تن تي لڳين ڪيئن تون؟

متان اچين اوچتو، رمي راتو واهه،
اڄان تن جي چاهه، لاهه نه پنهنجي چت مان،

باقي ڪو دم ڏير، ويندا لڙ لهي ميان،
اڄان ناهه آوير، اجهو آيا واهرو.

اڪين ڪيان اوچهل نه آ، اچا پنهنجي وات،
لتيو آهه لڙائيءَ، توڙي سچ نهار ڪيان.

ايندا ايندا مون پرين، گهري گهر ايندا،
نهوڙي نيندا، ڏمر سارا ڏيهه جا.

اڄان ترسين جندڙي، جي ڪاٿي ويڙان،
پهچا هي پيرا، ڏونگان پنهنجي ديس تيان.

الا ائين اوچتو، سانجهي تي ويئي،
متان سون پيئي، رڻ ۾ ڪاري راتڙي.

وَڻن سُتا مورَ تا ڪٿي ننڊون ڪن!
ساري رات ڏٻِن، سپنا ساوڻ مينهن جا.

اڃان آهين ڏؤر، توڙي ڏُور ٻه ويجهڙو،
متان ويهي مُور، سار نه تنهنجي سُپرين.

اڃان آها سنڌ، اوڏا آڏيون پڪڙا،
آلا اڃان آڏ، ڏيهي منهنجي ڏيهه جا.

اڇا ساڳيا راتڙيءَ، ڪارا ڪوجها پير،
اسان تو آڏ، سر تي پورب سوجهرا.

ڇا اڻن مداسيءَ اڇو پاڻي لُڙ ٿيو؟
ويندا اڏاسي، ڪڏهن ڪارا ڪانگرا.

* 'مِٺو لڳي اجمير'، سارو جڳ ڪڙو لڳي'،
رتن ٻائي! ڪير؟ ٻولي تو جئن ٻولڙا.

وڃي ويندين ڪونه، تون، متان اڻن پائڻين!
اڃان نه آئين، تو لئه تڪيان ڪيترو؟

ويهو آڏيءَ رات حو، ڪو ٻارڻ ٻاري،
متان آنداري، ٻُڏي وڃن ڳوٺڙا!

---

* پُورب ڪڙوا، پڇم ڪڙوا، ڪڙوا هندستان،
سَب جڳ مون ني ڪڙوا لاڳي، مِٺي لڳي اجمير.
(ڪڇي شاعره رتن ٻائي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئو تني جو ڪيو، ڇا ان لئه انڪار جو؟
اچا تني اوڪيو، تو لئه جيئڻ پنڌڙو!

دور ڪناري تي، پڇون، ونجهه هٿي اٿرائيتا،
مون کي او ٻيڙائيتا، پار ڪٺي هل پاڻ سان.

سج تي ڪيڏو دير سان، تون آڏي آهين!
ڏسڻ ٿي چاهين، ٻاڇا پوئين سنجهه جا؟

آڏيءَ جو آڪاس ۾، جهومڪ جهڳا مڱ ڪن،
ڪير اچي ٿي چني، جهاڳي ديس وديس کي!

وري شال اٿن، دودا منهنجي ديس جا،
جهينڊا شال جهلن، وري وڳهه ڪوٽ تي!

هي جي منهن گهنڊيون، هي جي ڪرتيل ڏند،
نيٺ ته پچندا ٻند، ٻوڙيندا ڪنهن ٻوڏ جئين.

ٻاٽيارين ٻچار، اڄ نه آهي واءُ ۾،
ڳالهيون ڪن ٿا ڳجهه جون، سڀ پس ۾ ساٿيار،
رچي ريٽا يار، پٽهه پڇائن ماڳ جا.

زڻ بارڻ ٻاري، وٽندا رهيا ڪاڏي،
هاڻي آن چاري، الا ڪونه اجهامندا.

هي جي نڍورا، ڏولاٽيي جا ڏينهڙا،
ٻاقي ڪي ٿورا، متان هيڏون هارئين!

ڏينگر ڏاڏائون، پڙيا اچي پٽ تي،
اونو گهرو تنڙ جو انهين، پنهنجو لاڏائون،
اڳ نه ڏٺا آڏون، ويڙهيچا اِئن واٽ تي!

هين پڙ سارا سڪ ها، هين پڙ آزادي،
ڇا تو بربادي، چونڊي وتي ڇاهه مان؟

سينو ساهيو ساڪري، ڪاروڻجهڙ تني ڪٽر،
وچولي جي واٽ تي، ڪاروڻيار ڪٽر،
آيري آءُ آتر، مٿان ماٺ ڪري وهين!

سر ڪي پيو ڪئن هنج جئن، اهڙو ساڃاهي؟
واءُ لڳو ناهي، اڳ م ڏسي ڇوليون.

ڪئن چئجي ٻهار، ڦُليليءَ جي ڪپ تي،
هنو جي منهنجا يار، وري ايندا ويجهڙا!

پٽ تي ڪنڌ نه لاڙ، ڇا نه رتو رت ٻيجڙا!
پيهر ڪنڊن واڙ، پوکيل پيو ويسرا!

سورهيه تيءُ سڄاڻ، مرڻ نه آهي ماٺ رهڻ
جيئڻ جو آهڃاڻ، ويڙهو گهرجي ويڙهه ۾.

تنهنجي ترڪن پيوٽان، تيچن پنهارل ويئي!
ٻوٽي ڇڏ مون نيڻ، رکُ تون پنهنجا هٿڙا!

ڇا تني سوچين سانوري، سارين سنگت ڏهي؟
اکين منجهه ڦيسي، پيءُ ڪنهن جو نينهڙو؟

وري ٽَن جا لوڪ تي، پورن ٿا پهراءَ،
وري وڏيرا، ڏاهڻا ٿيا ڏيهه جا.

اڄان پنڌ پهاڙ جا، اڄا آپرو واٽ،
ڪونجن جو ڪُرلاٽ، ٽوڙي ساڳيو ڏيهه ۾.

* دِلا لاهي دادلَيون، پٽيو ٿي ساهي!
اِڄان اونداهي، اڄان ٻاڪ ڦٽي نه آ.

پکي پکڻ موتيا، سج لٿو سر تي،
اڄان ٽون در تي، ڏيٺي واٽ نهارئين!

مور نه ماڀان ڇولڙيءَ، توکي ڏسي آنءَ،
ڦٽي تنهنجو نانءَ، ڳل وري ڳاڙها ٿيا.

وري جهڙ ڳهاٽا ٿيا، وڏي ٿي وسڪار،
پرن ٿا ڀوتار، پٿين پيتين وانگيان.

باقي ٿوري راتڙي، اي دل ڏک دک ڪر!
تيسين ٿڪ ٿڪ ڪر، جيسين سهڙي، سوجهرو!

اي دل اڄان ٿورڙو، اڳتي آهي پنڌ،
اڄان جهپ نه لائجانءِ، توکي مون سوڳنڌ!
اڳ ڪان اوچو ڪنڌ، آزاديءَ جي راهه ۾.

اي دل مون سان ساٿ ٽون، ڇڏ ڏينديءَ تيسين،
پورو ٿي جيسين، آزاديءَ جو پيچرو؟

* ٿَر ۾ زالون دڪڻ تي دِلا لاهي، ساهي پٽينديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهوندا، وڻ ڦوٽ، اڄ هو ڦريا ڏينهڙا!
ڪڏهن ڪنديون سانوري، ٿهراڻي ۾ موٽ؟ *
ڪٽي ڪونيٽ اوٽ، پري پونديون پاڪريون!

وري ڦوگ ڦلار، ڪانڌڙ تيندي ڪانڌڙباﷲ *
وري لهندا سينهڙا، واريءَ اسهي جي سار،
اڄ هو منهنجا يار، پنهورڪي پيڙا ڪيا.

---

* ٿهراڻو = پاچري ۽ ٿني جي اولهه ۽ عمرڪوٽ جي ڏکڻ - اولهه وارو پاڳوه

* ڪانڌڙيو = ڪانڌڙ جو رهاڪوه

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واڳوڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيئو سوچي ٿو.

هي نيرو آڪاس مٿان آ
آڌيءَ رات آڪنڊ!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيئو سوچي ٿو.

پر ڪرتيءَ جي ايڪائيءَ ۾
هي ماڻهوءَ جو منڊ!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيئو سوچي ٿو.

ڌرتيءَ ڪهڙو ڌوهه ڪيو آ؟
ڌنڌ ۾ ايڌو ڌنڌ!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيئو سوچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا هيءَ ساڳي ناوَ
ڇا هيءَ ساڳي نربدا؟

نيري نڀَ ۾ چنڊُ يا
روپ - متيءَ ڇا ڳهاوَ؟
ڇا هيءَ ساڳي نربدا؟

ڇا هيءَ ساڳو پريتمُو
جنهن کي نه پڇتاوَ؟
ڇا هيءَ ساڳي نربدا؟

جڳ جڳانتر کان اهي
اندر منجهه آلاوَ!
ڇا هيءَ ساڳي نربدا؟

من ۾ منهنجي مالوا *
ڪيڏا لڏون لڳاوَ!
ڇا هيءَ ساڳي نربدا؟

---

* مالوا = جنهن سان روپ متيءَ ۽ باز بهادر جي عشق جو داستان وابسته آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (ناگپور تي وِمان ۾ هڪ رات)

اڄُ ٻه ساڳيو آسمانُ، واءُ ۾ آهيون وِمانُ — *
ناگپور تي راتڙي *

اڄ ٻه تنهنجي سارِسان چڙ، آهر ڄهر هي جهانُ —
ناگپور تي راتڙي.

آشنائي اوچتي، آواگون جو آستانُ — *
ناگپور تي راتڙي.

شال پورو ٿئي اسان جو، هي اڌورو داستانُ!
ناگپور تي راتڙي.

---

* وِمان = پارت ۾ هوائي جهاز کي چوندا آهن.
* ناگپور = بمبئيءَ کان دهليءَ ڏانهن ويندي هوائي جهاز کي ناگپور ۾ ترسڻو پوندو آهي.
* آواگون = نئين جنم.

## (گوداوريءَ ٽي ٻاڪ)

جر تي ڀڀر جي ڇانوَ ۾،
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

مون سان هئينءَ جڻ ٽئون ڀيرو، اڳليءَ جنم جي لانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

ڀيهر ڏٺيون مون ڇلڪنديون، تنهنجي سٽريلي تانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

هئي وَرش سارو آيَءُ هان، هر هر هُرن ٿيون هانوَ ۾—
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

---

وَرش = ٽڙٽيءَ جو ٽڪڙو.
گوداوري = ندي، جا ناسڪ جي پرشان وهي ٿي. *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڪس، ڪٽنيو روهڙي.

چڙهي ته اوندهه ۾ ٻري ٿو
ڪوٺي نه ڏيئو ، روهڙي.

ٿي وڃي تاريخ ۾
ڪنهن وقت ليئو ، روهڙي.

”پاڌرو جنهن جاءِ آهيو
شيان جيئو“ روهڙي.

جهڙيءَ نه جيئڻان تو بناءِ، عمر گذاريم ڪيئن!
پانڌيئڙا پرڏيهه جا!

نه ڪو ڇڏين ٿو نه چانورو، لڪون اکيون جيئن،
پانڌيئڙا پرڏيهه جا!

تون جي ڪجين ويجهڙو، هوند نه هنجان هيئن،
پانڌيئڙا پرڏيهه جا!

ڪڏهن ايندين سانورا؟ ڪڏهن ايندين؟ ڪيئن؟
پانڌيئڙا پرڏيهه جا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل - رُت، مايا نڳرُ،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

ماڳي هوا، ساڳو پنڌرُ؛
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تو ريءَ سڳنڌن جو سفر،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تون مان نه، پر آهن آمرُ
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهيون.

اڄان به آڌا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

پيرن آهن پنڌ ۾
لڪن پڙاڏا
اڄان به آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

مون سان منهنجي ماڳ ۾
ڏاڏا پڙڏاڏا —
اڄان به آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

ڪنهن جي ڏوليءَ تي اچي؟
لوه سڄي لاڏا!
اڄان به آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 1987

هي سترهن چاليهه سال!
روز پيا ڳا ڏينهڙا!

سڄ آيڙي تون آئن تا سوچ ۾ سا ڳا سوال ـ
روز سا ڳا ڏينهڙا!

سڄ آلهي تون منهن تي تا ملون ساڳا ملال ـ
روز ساڳا ڏينهڙا!

ها فقط سترها لگن تا، اڄ به ڏرتي جا دلال ـ
روز سا ڳا ڏينهڙا!

هو وسنتي ويس پائي تا هٿن ڪوڙا ڪلال ـ
روز سا ڳا ڏينهڙا!

ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هائي پيلائي آهه پيال!
روز سا ڳا ڏينهڙا!
روز سا ڳا ڏينهڙا!
روز سا ڳا ڏينهڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلڪتو، ڳائيندي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪهڙي هيءَ تاريخ جي
اونداهي آندي؟
ڪوئي سوچي ٿو.

لاش لڙهن ٿا ”رت“ ۾
ڪو ناهي ڪانڌي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

ڪاش ڪراچيءَ ۾ هجي *
اڄ اهڙو پانڌي ـ
ڪوئي سوچي ٿو.

* اپريل 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن ڪان متاثر ٿي لکي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جي آيا هيرَ
اهڙا مُڙس مٿَنيَر
ڏاڍ نہ ڏنا ڏيھہ ۾.

سِڌي آ جن سچ ڏي
اوپر ڏانھن اُلھيرَ ـــ
هي جي آيا هيرَ ..................

توڙي پنڌ اڇا پيري
توڙي واريءَ ڏيرَ ـــ
هي جي آيا هير ..................

جن جا پرينءَ پار ڏي
گھٽ نوان ڪي گھيرَ ـــ
هي جا آيا هير..................

پڙ ۸ آهم پچار *
گهر ـ گهگهيريون آئيون.

وڃن ييون واٽ تي، ٻانهن جهلي ٻار ـ
گهر گهگهيريون آئيون.

ڏئي ڏنڊين آڳريون، ڏنو تن ڌڪار ـ
گهر ـ گهگهيريون آئيون.

سهسين سڄڻ وانگيان، ويڙهيچن ويچار ـ
گهر ـ گهگهيريون آئيون.

نه سهي پيرين پيڪڙا، نه سي ڪوٽ ڪپار ـ
گهر ـ گهگهيريون آئيون.

---

* هيءَ وائي "سنڌياڻي تحريڪ" کان متاثر ٿي لکي وئي آهي.

هُوءَ جا ڳُجهي ڳالھ،
آءٌ نہ سَليِي عام کي۔
متان ميٽي تي وڃي، منهنجي مٿيءَ نيسال!
متان آليءَ وانگيان ٻڙڪي کڻهن ٻونچال!
سدا منهنجي جيءَ هڏيءَ، ساڻڏيو آهي، سوال:
”ڌرتي ڪڏهن ديس جي، ٿيندي لالڻن لال؟“

نئين منجهه فرنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

اي منهنجي تاريخ ڏسان ٿو
انگ نه تنهنجي اڱي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

جڻ ته صديون ڪانِ منهنجي ڌرتي
رنگت لهوءَ جي رنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

ڪنڌ آهو ڪورايو ويندو
جنهن کي آهه ڪلنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو

ڪائي واهه نه ڪائي واهر
واٽ وسيهر ونگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

پنهنجي پٽ ۾ جيئڻ وارا
جنگ ڪري ويا جنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

ڪيڏي وڻ لڳي تي واڻي
ڏاهپ جيڪا ڏنگي—
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق ٻه ڪهڙو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پري لينن ـ گراڊ ـ
ٻـم برسن تا پياء

اولگا جي شاعريءَ ۾ *
اڄ به تازيون آهن يادون ـ
ٻـم برسن تا پياء

اڄ به منهنجا ديس، تو ۾
چڙهي ته تازي بدنهاد!
ٻـم برسن تا پياء

اي ڏکي! گهٽلنديون ڪڏهن تون،
آءُ اي ٻاڏر مـراد ـ
ٻـم برسن تا پياء

* اولگا برگال (Olga Bergolts)
لينن گراڊ جي شاعره، هن جي شاعريءَ جو ڪتاب
”لينن گراڊ نوٽ ٻڪ“ 1942ع ۾ ڇپيو هو، جنهن
۾ هن جا لينن گراڊ جي گهيراءُ جي باري ۾ نهايت
تلخ نظم شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو سج ۾ متان
جڻ ڪنهن شعلي جان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

رڪت رسالو شاهہ جو
لسي ۽ لوني سان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

ٻيڙن لال قلوڪڙا—
لال ليارن ڪان—
اڃا پنڌ پنو نہ آ!

پورو ڪندي پنڌڙو
مارو شال مران!
اڃا پنڌ پنو نہ آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتي! بس تو سان
ماڻهوءَ ٻول نہ پاڙيا!

آڏيءَ مانجهيءَ ڳيت ٿيو، ڳايان... آءٌ اڃان.
سپني منجهہ رچيي وچڙي ماڻهو ٺيٺ متان!
(ماڻهو سپنا تو آڻي پنهنجي رت پڻ ء مان)
راڻهي جرتر آڏيو ڳاڙهو سچ متان!

انت ته اڇڙو آنهه
هاڏي پنڌ پري نه آ!

تارن جهرمٽ مان لهي
مون ساڻ نچڙو آنهه

ڪيسين موکي منڌ ۾
مون سان مچڙو آنهه؟

هيل ته ريڙو ٿو لڳين
اڇا به رچڙو آنهه؟

انت ته اڇڙو آنهه
هاڏي پنڌ پري نه آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’تون‘ تي تون آهين
منهنجي پون آهين
او آيل! او سنڌڙي!

منهنجي ساري ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

تون ئي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين-
او آيل! او سنڌڙي!

اڃا نڪتي چو نه تون
ڪاهيءَ ڪون آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!

ويريءَ جي وارَ ۾
ڏينهن ته ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌون تيرهن سؤ سٺال
موڙ ڳان اڪ ڄايو هئين.

پوءِ ٻه ڪو آواز ڏيئي، هر ڏين منهنجي حال!
منهنجو ماضي انهن ڏيون، منهنجا استقبال!
ڏرتيءَ منهنجي ديس جهلي ڏوڙلي لڪ دلال.
اڄا منهنجي آرٽ ۾، تنهنجا خواب خيال.

آهه سا ڳيبي پارڪر ــ
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟ *

اڀري آڪڙ ڪري ٽوڻ
پيءَ ڌرتيءَ تي نه ڌر!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

نيٺ مٽيءَ ۾ سمايا
جي به آيا هن نگرـ
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

موت تنهنجو منتظر آ
اجنبي! ايڏي نه ڪر!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

---

* سلطان محمود بيگڙو، جو گجرات جو حاڪم هو ۽ جنهن سورهين صديءَ ۾ پارڪر تي ڪاهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڱڙا! ڪالهه ڏٺو هيو ٽو جيڪو هيمون،
اڄ بہ آهي پنڌ ۾.

ڀونرا آيا ايترا، ڀيرا ڀڃي ڀون.

سو بہ تنهنجو ديس، آ هي جو منهنجو ’مون‘.

آهين سڀ جي ساهہ ۾ سنڌو تون، ئي تون!

هيمون ڪلاڻي،
وسري وسراي ڪينڪي

آڄ ٻه جوڪا جيءَ جا ۽ چاڻي واڻي،
اڄان چنڊ چڪور جي ساڳي ڪهاڻي،
هتو جا ڏيٺي لاٽ آ، نياهي وساڻي،
ڏرتي پنهنجي ڏان جي تيندي ڏياڻي.

تي ويا ناهر ڌنار
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

چور چوڪيدار آهن
ڪن پيا ڪُوڙي پڪار ـ
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

جيت ڌُنهنجي جيت ناهي
هار تنهنجي ناهي هار ـ
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

ديس تنهنجو ديس ناهي
سار تنهنجي ناهه سار ـ
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

اڄ نه ڪرڪي، تي هوا ۾
ڪونجڙين جي ڪا قطار ـ
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

ڇا ڏيان توکي ميار!
تون اڃا سمجهين نه ٿو!
تون اڃا سمجهين نه ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ته پري ناهي
سا منزل اچي وئي آ.

ٿا ڳُلَّ ٽڙن ڳاڙها، ڇانگو ته اچو ڪاهي!
مومل ته گهڻو مُرڪي، سوڍو به ته ساڃاهي!
اڄُ ڪاڪ ڦُلاري آ ڪو پنڌ پيو آهي.

هاڻي لڪڪ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون،

پيرَ ڏسن ٿا پڌر ۾
ڳاڙهي ويس ڳليون-
هاڻي لڪڪ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون،

متان پانئين منزلون
پنهنجو پاڻ مليون!
هاڻي لڪڪ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون،

لڙڪ لڙي پيا، وينگسون
ڪوئلي هانءَ ڪليون
هاڻي لڪڪ دليون
گڏجي چڙ ڏڙڪن پيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جي ڪيئي ڪَنَ
ڀڏن پيا پاڻ کي.

جن سان ڳونجيون ٻستيون
ٽوڙي ڳونگا ٻنَ -
ڀڏن پيا پاڻ کي.

وڏن پيا واٽ تي
ڳونجي منجهه ڳگن
ڀڏن پيا پاڻ کي.

وچڙي ويئي آڳ ڪا
تن جي ٽَنَ ٻدن!
ڀڏن پيا پاڻ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مون کان ڇڳل لاءِ ڏکن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇا هي؟

جهوني ۽ وهه تي جيئڻ وارا
امرت کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇا هي؟

هو سڀ موت جا ڪانگي آهن
جيئڻ تي ڪيڏو نه ڇڙن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇا هي؟

ڪيڏا لاش سلامي ڏيئي
بندوقن تي آڪڙجن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇا هي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات پيو تنهنجي پڪار
ننڊ ڪي نيندي رهي.

اڄ ڌرتي سرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهار!
ڪوئلون ڪوڪن پيون، ڪوئي ته ناهي چپ يار!
ڇو اجها گلنار ناهن، روءِ تنهنجي جا آثار؟
تو چڪين ڇوهي جيان، مون ڪي پراهين پار يار!

ڌرتيءَ پيئي ڌڌڙي
ڪوٽ سارو تو لُڏڙي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

ڪيتري ڳاڙهاڻ آ
لوهه ۾ تي جا آڏي
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

اڄ هلي اوڙاهه ۾
ڪير ڪنڌيءَ تي ڪُڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

آءُ اي سيلاب آءُ
جو ٻُڏي تو، پل ٻُڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتِ، نڪارا گئا ۾*
چنڊ ڀڳا ڦاڙن مٿان.

ديس مٿان ڪيترا
روز ڪمانڊو مُئا! ۽*

پار، هيا، ديس جا
سنڌ جڏهن تن سُئا.

شال ٻرن اوچتو
لون* اندر جي لُٽا!

راتِ، نڪارا گئا
چنڊ ڀڳا ڦاڙن مٿان.

---

* نڪارا گئا = Nicaragua
* ڪمانڊو = Commando

نوٽ: نڪارا گئا ۾ 16 ۽ 17 ورهين جا ٻار ڪمانڊو آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳ ڏسي جي مرڪن ٿا
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

منهنجي جوت ته آهي جنهن جي
چڙ ۾ هو سڀ ڇرڪن ٿا،
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

جندڙي ٿورو شاٽ ته ڏي، هو
آجيارو گهر ڪن ٿا!
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 1995ع

لکيو لڪڙ چڙهي

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

ڏسي ڏوريون واٽ تي ٽوڪر جيئن لڪن،
سي به ته آهن ساٿ سان نٿون جن نڪن،
ڪارونجهر جي ڪور تان گوليون ڪڙڪن ڪن،
پوڏيسر جي پيرن تي ڪپاٽ ٿا پڪين،
هي جي آکيون اندريون ڪيڏو ڏور ڏسن!

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهيون سهايو
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڪنهن ڪميتن تي آئي، لونگيون لٽڪايو.
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڪاري رات رمي وئي سڄ ڪنيءَ آيو،
اجهو آيا گهوٽڙا.

ڏسي رستا رت سان متان گهرايو!
اجهو آيا گهوٽڙا.

منهنجو تو لئه ديسڙا لايو سڄايو،
اجهو آيا گهوٽڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن بند ڪيواڙ،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

پوءِ به ڪنوءَ ڪلال جي، تاڙيءَ لئه هيءَ تاڙ!
سارا ڪوهه ڪپي وڃن، ٻاڙ ته اهڙي ٻاڙ!
منهنجي آجائي ٿيا، جيڪي منهنجي ماڙ،
او شل! جيئن جوءِ سان لاڙي منهنجا لاڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽر ۾ چٽڪي آهي
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

ساري رات آسمان جا بادل
جن تان لٽڪي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي،

چوڏس واريءَ تي چانديءَ جيئن
هيءَ جا ڏيکي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

ٻون جو ڪٽ تي ڪونه ڪرڙيل آن،
هر هر ڪٽڪي آهي،
ڪانڪـهه تي چانڊوڪي.

* ڪانڪـهه = ٽر جو هڪ وڻ، جو ريتائينءَ زمين
تي ٿيندو آهي ۽ جنهن ۾ ڳاڙهيرا ڦل ٿيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو وينديون مِلي
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن. *

پاڪڙين پوئيون اچي
ڪيئن وانگر ٻوٽن ڪيلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

ڇند هينئان پائبي
رات پر سهاڳي رلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

آهي ڇو آسائتي
ڪوٽ جي هرڪا ڪيلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟

---

* سامروٽيءَ = ڏيپلي جي اُتر وارو پاڳوٺ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڄ تہ اوچا آڪ
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

اڄان ڳوليو ٿا پيا
ساندڙاڻو ۽ مڪ!
اڄ تہ اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

ڌرتي سڀ ڏونڌاڙجي
ڄڪ بہ ايڏا ڄڪ!
آڄ تہ اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

جهوڙا جهنبا ٿي ويا *
لُوهہ ڳهلي جو لڪ!
آڄ تہ اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس ڪي.

---

* جهوڙا = مٽي تي ڦار، جي مڇو ڪري پڌا ويا هجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گگندين ڇپايو،
مٿان ڦڙن مينھڙا.

اکيون اکين ۾ ٻوڙيون، ڪنجھو ڪالھايون،
ساٿاريءَ ڇاٽ سان، ورلي ورجايو!
آزاديءَ کي ماڳ تان، مٿان موٽايو!

هو اوچو آڪاس
آبّ پٽڻي آيري!

اڄان ڏوڪي سنئيريئن، ساري متهنجو ساس،
آبّ پٽڻي آيري.

اڄان مون اَنڌهه - ڪِرڻ، ٿيو نہ آهي ناس.*
آبّ پٽڻي آيري.

ساڳو مڙهيءَ ڏوپ آ، ساڳو آهي واس،
آبّ پٽڻي آيري.

سانوڻ جئن سِرجي پيو، مون ۾ ڪو وشواس،
آبّ پٽڻي آيري.

---

* اَنڌهہ ڪِرڻ = اندر جو آدمي، ضمير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئن جئن گهٽي ڄاڙ
تئن تئن وڌي ماڙ،
اڇهو وڻا مينهڙا.

ٻاڙهي ۾ ڪيڏانهن ويا،
سارا ڏڏڻ ڏڍاڙ؟
اڇهو وڻا مينهڙا.

ٿـڙ ٿي ٿڏيري هوا
آنڌي آ آڪاڙ،
اڇهو وڻا مينهڙا.

آيڙا وڻ آڪڙي ويا
ڪيئي جهـونا جهاڙ،
اڇهو وڻا مينهڙا.

اڄ ٻه آ آڙنگ ۾
تاڙي ساڳي تاڙ،
اڇهو وڻا مينهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻَهڪي ٽِڙِي ٻَڪرال،
مينهن وسن ٿا ڇِيٻ جا.

آيرن ٿا آڙنگ ۾ ڪيڏا خواب خيال!
هُيا ابر آسري مُارو تونڙي مال.
آيا اُتر مينهڙا آڄ ته ٻلائي ٻال!

ڪالهه هئا آڙنگ،
اڄ وسي تو وڏ ـ ڦڙو.

ڪيڏو مَن کي ڀانئيا
ساوڻ جا رنگ سُرنگ!
اڄ وسي تو وڏ ـ ڦڙو.

مارو ساريا موهيا
ڏسي وچن و نڪ ـ
اڄ وسي تو وڏ ـ ڦڙو.

ريلهي منجهه لُڙهي ويا
رنگ ۽ ڪهڙا ڍنگ!
اڄ وسي تو وڏ ـ ڦڙو.

اڳتي تنهنجي آسري
ننگي تو تي ننگ!
اڄ وسي تو وڏ ـ ڦڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکَ ٿيندا ڏاڍيئڙا!
سنگتي سڏڪن ٿا.

ٻاجهريئين چڻ ٻاجهه ڪئي آ
لُڙهه لُڙهي آهي ليٽيڙا
سنگتي سڏڪن ٿا.

تارن وانگر ٽم ٽم ڪن ٿا
ڏهر ڏهر ۾ ڏيئڙا،
سنگتي سڏڪن ٿا.

اڄ به تن جي سار اچي ٿي
ڏور ويا سانگيئڙا
سنگتي سڏڪن ٿا.

ايندا ايندا نيٺ ته ايندا
جاڳڻ اڄ ڪجهه جيئڙا!
سنگتي سڏڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجن ٽا ڳچڳاٽ،
اچن پيون اوڙڪيون.
اڄان تو لٺ ديسڙا آهي ساڳي واٽ.
متان ماڳ مٺجهي پيئي، اوچي رکو لات!
مونهن ماندا ٿا ڪيا، اڄ کهڙا گهر گهاٽ؟
اچن پيون اوڙڪون.

ويهل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

مان اڃان ۾ ڪيئن رهندس
مون پڇلائي نانهي پنون!

هُو وسي ٿو وڏ - ڦڙو
سايون ٿيون ترن ۾ پنون!

جي اڃان موتي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون -

موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

مٿان وسي ماڪَ،
ڳُوار ڀٽيندڙي ڪاهڙئين.

پرهه جو پنهواريون، ڪيسين ڏڪن ڏاڪَ؟
پويون لوڙائو چئو؛ راتين جا رولاڪَ!
مٿان اورانگهي وڃو، ڪڏهن ٿريون ٿاڪَ!

تاريون هڻن نه ٽوڙ!
پلي مڇڙ موڙ،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

ڏاڍو، مينهن وسي پيو
ڏاڍو ڀوڙان ٻوڙ،
آيا سانوڻ، مينهڙا،

لڳهه، جي لالاڻ کي
آتر، اِئن نه وڳوڙ!
آيا سانوڻ مينهڙا.

واڙي رک اڄ واڙ ۾
ڇيلا ڇيڪ نه ڇوڙ،
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

اوڳيِ اوچهي ڳاٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

جن جي ڀُٽِي ٻاهران
ڀِڳِي پوري لاتِ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

تنهنجي ٻانهڻ روڪيا
چوڙين جا ڇڻڇاٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

وڳهي ڪان پوءِ واڻڙي
ورتئہ تن جي واٽ،
تو نہ سڃاتا سپرين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـَـپَّ بہ تو وٽ مـَـپَّ
کهڙا منهنجا ڏيسڙا!!
ڇا مون پيتي ڪانہ آ تنهنجي ليُڙڪن لـَـپَّ؟
وايون تـوڙي ٻيٽ ها اڳـي نـہ روڪيا ڍپَّ.
اڄ ڇو رتو رت ڪيا مون پيـڪوڙي ڇـَـپَّ؟

ناهي ڪا ٽنڊي
ڪوڙتا منهنجي مَن ۾.
هيءَ جا هاڙهي ڏي هلي، ماڳ نه آ متڻي.
پيرين پائي گهنگهرو، جات نه آ جتڻي.
ساهه سُ ڪوئي ساهه کي، رات ته آ ڪتڻي!

ڏيندي وڄ وڪڙ
گهوريءَ ڪارا ترڙ،
مون سان جي ڪاوڙ ڪندين.

چوندءِ ”هي ڇا تو ڪرڻ؟“
جهلي جهونا ٻَڙ—.

وارِيءَ واريون ڦُهليون
هي سڀ ڪنهن جا وڙ؟

ڏنيون مهڙيون وانئڻيون
کهڙي ترڙ آئيڙ؟

تنهنجي ڏرتيءَ تي گهڻا
مون جهڙ پيا سِرَ ڌڙ؟

مون ٻڌڻ تارا آپ ۾
گيڙو! هيا گِڙڙ؛

پوءِ ٻه مان ٻانهون ٻڌان
مون ۾ نانهه آڪڙ!

نڍوڙي نڍوڙي ٻيهڻ،
ٻيهڙي پٽ تي ويهڻ!
ٻيهر ايندءِ ڪينڪي.

ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا،
جن لئه سارو ڏيهڻ—
ٻيهر ايندءِ ڪينڪي.

هي جهڙي جوڙٿهار جهڙي،
راڳيءَ ڏيڻن رهڻ—
ٻيهر ايندءِ ڪينڪي.

جهونگارئيندو وڏڙيون
سدا جيئڻ ساٿيهڻ—
ٻيهر ايندءِ ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جو گيت اڌورو آهي
پوئين وقت چپن تي.

ڪنهن به ته ان کي ڳاتو ناهي
هي جو گيت سمورو آهي؛

برڪا جهڙا گيت ڏنا مون
توڙي جيءَ ته ڪوڙو آهي!

گهر گهر تي چانڊوڪي چانئجي
چنڊ گهٽيءَ ۾ پورو آهي؛

آءٌ پوان ٿو ليٽي يارو!
سيرانديءَ تنبورو آهي.

ڌرتي، مون سان وڙ
ڏون ڇا ڪندينءَ جيڏڙي؟

ڪيڙي ڪانءِ پو سانپيا، تو سڀ جهونا ٻڙ!
جڳ ڌڻ تائين ڌي وڃي، جيڏا، منهنجي جڙ!
ڪيئي ڳوڻيچ ڦلاربا، پڃاڙان پٽ - جهڙ.

آئي آڌيءَ رات جو،
ٽولڙه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

ڦڙا ڦڙا ماڪ جا،
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
ٽولڙه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

جن تو لاءِ سڳنڌ جون
کيئي ڳليون ڳولڙيون،
ٽولڙه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏهه جا.

ٻنيرکي جو پڻءِ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
ٽولڙه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيسين لڪ لڪي
سونهن پرين ٽي پڌري.

جهونجهڪڙي جي جهان ۾
ڀهراڙي ڀهڪي-
سونهن پرين ٽي پڌري.

ٽيڪر نيوڙي ڪوهه ٽي
تارن ڏول چڪي-
سونهن پرين ٽي پڌري.

پرهه ٽي پارون اچي،
ڪيسين رات ٽڪي!
سونهن پرين ٽي پڌري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تنهن ڪاڻ وَتَّ،
سُپيرين جي سَٽَّ،
مُنڌ پرين ڏي پڌري.

چمڪي چوڏهين چنڊ جان^
نيمي هُن جي نَٽَّ
مُنڌ پرين ڏي پڌري.

هيءَ جا بوءِ بهار جي
کهڙي تَنهن جي ڪَتَّ!
مُنڌ پرين ڏي پڌري.

اهڙو ڪو آواز آڄُ
ڪونهي ڪينـرُ پَـتَّ،
مُنڌ پرين ڏي پڌري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن پيا واٽ تي سُورج مُکيءَ کيتَ،
اڄان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڄان روميِ رتّ جيِ، اڄان ساڳيا بيتَ،
اڄان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڄان وايون ڪيتريوّن منهنجي چيتَ آچيتَ،
اڄان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڄان ٿورو دير سان ڪارا ڪيِتّ ڪميتَ!
اڄان جيئَڻ ڏينهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو مينهن وسي
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

نہ سي گوريون ڳهاٽ تي، ڳائي گيت نہ سي،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

* رُويءَ اکيون جهانوريون ڪَڪُريون ڪُونس پِسي،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

ڳنگا جي ڳجگات ۾ ڪيئين ناوَ ڪَسي!
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

اڳتي ڪارونيار ۾، ڇاهي؟ ڪير ڏسي!
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

---

* سويي گيانچنداڻي جي روايت آهي تہ جڏهن هو شانتينڪيتن ۾ پڙهندو هو تڏهن ٺاڪور پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ آڪاس ۾ ڪڪر نہ ڏسي سگهندو هو.

برکا رُت، اڌ رات، ڇڇڪري
پاڻيءَ پُڇڙ تارن جڙن.

منهنجي من ۾ ڪٿي سارون
ساوڻ جي وسڪارن جڙن.

دور دور تي بادل آهن
ورهين وڇڙيل يارن جڙن.

هر هر من ۾ گيت دُکن ٿا
آذيءَ جي انگارن جڙن.

منهنجي سيني تي اڃان
تنهنجو ساهه ڪجهي پيو!
تنهنجي سارَ ـ سُراءَ جو پيرو ڪيئن پيجان!
تو لئه ٻيو ڪنهن شهر ۾ چاچي لاءِ وڃان؟
ڇا ڏٺو مون ڪان، دورِ آن؟ اِهو ڪيئن مڃان!

بادل ٿا برسن،
جيڏا وري جهوڪ تي.
شاهه عنايت آپ مان، چيمڪي ٿو چٽن چٽن،
نه تيو سونگي سنڌڙي، نه تون ڏاڍي ڏن!
مٿن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڄان مري جئي نه مرن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڪيئن ساريان

سڄڻ تنهنجي ساهه سان!

اڄ تو آهين اوچتو، تنهنجو ڪئين ڪيئن واريان!

ڪنوينل وانگر ڪيترو، تو لئه ٻڪاريان؟

اڄ تو اولهه ۾ لٿو، ڪيئن نهاريان؟

ڪاڻي ذڪ ته تنهنجي ڪڍهن، هان ۾ ته جئن ڪاهڻ آڏيان!

کهڙي ڪر ڏٺل
توکي هئن سُڌو ڪيو؟
ڪنهن توکي آگت آچيا، ڪهڙا گاڙها گل!
مون کي ڏينهن جيڏري، ڏٺل نه کهڙا ڏل!
آءٌ ته سارو سانت هان، تون وٽ هيڏا هل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونهاري جون راتڙيون، ننڊ نہ اچي ٿي.

گرم هوا جي گود ۾ واڙي پچي ٿي،
ننڊ نہ اچي ٿي.

ڪائي رويا نڙت سان ساهون نچي ٿي،
ننڊ نہ اچي ٿي.

چڻ ڪائي ڪتا وري رت ۾ رچي ٿي!
ننڊ نہ اچي ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي اڳ ـ ڳڻتي
کهڙيءَ ڪَوُتا ڪي هئي؟

ڪنهن هئن دانهن ٻڌي هئي
دُکي ڌرتيءَ جي؟

ڇا اڳ ڏيهه ڏٺا هيا
ڏاهپ هئن ڏَمري؟

من ـ پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هِئن ڪُرلائي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنيَتوءَ جو پَنُ پَنُ
ساڳي ساوڪ ساهه ۾ —
برکا رت جهڙي باک جئن، آئين منهنجي مَنُ
جيڏڙي! منهنجي جيئڙي وارڙي واڳڻ وطنُ
مون سان گڏجي ويهه اڄ، ساوڻ سنگهاسَنُ!

سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ،
ڪئن نہ لهريون تي وڃن ٽا!

راتڙي تارن ڏيري ۾ جهڪا ڀون ڪي ننڊاهه ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون تي وڃن ٽا!

چوطرف آ شور چڻ ڄجو؟ ڏس تہ ڪنهن کي آهہ ننڊ؟
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ لهريون تي وڃن ٽا!

جڳت سارو جاڳ آهي، جاڳ ڪي ساڃاهہ ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهڻنڊ
ڪئن نہ ڇوليون تي وڃن ٽا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترا ڏيهــا ٻرن ٿا، رات آئـي،
رات آئي.

آهه منهنجي هنج ۾ منهنجي سُهائـي!
رات آئي.

چنڊ وانگر هـيءَ تنهنجي ويجهڙائـي!
رات آئي.

ورِير جِئن آپري اسان تي ننڊ ڇائي،
رات آئي.

سمنڊ ۾ ڪيڏي نه سندرتا سمائي!
رات آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوري! مهاڻا

سارا تنهنجي چار ۾.

اِئين رهن آزاد جيئن پکي اُڏاڻا!
ڇو تون ڇڏين چام لئه ماڳر جا ماڻا؟
ڇڙي، ڪينجهر ڪنڌئين ٻرا نه پاڻا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جو منهنجو ماس،
هي جو منهنجو ساس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

اڇا ڪاڻيي اروشي، گوليي ڪاليي داس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جهڙي، آڏيءَ جو آڪاس،
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

ڏينهن تني جا ڏاڪڙا واريءَ منجهه وماس، *
ڪلا ڪارڻ ڪيترا.

سيڪجهه مون سان ساٿ آ، ڪجهه به تہ ناهي ناس!
ڪلا ڪارڻ ڪيترا!

---

* وماس = انتظار، تڪليف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئين ويرَ اچي وئي آهي، ها پر مان نہ مڃان،
مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان!
گيت ڳائي ٿو آهن ڪيئي ساڻون سنگ اڄان؛
جيسين ڪُڙڪُڙ ڪانءَ وڃن ٿا پنهنجي سينگ سڃان؛
روشنيون ٿي رم جهم برسان، سارا پيولَ پڃان؛
آنت آهي اونداهو آهي، جنهن ۾ نيٺ وڃان،
مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان، او مان نہ مڃان.

ويٺي ڙي ويٺي
ڏُنگي وچ دريا ۾.

ويٺي ويٺي اوچتو جَر جهُونو نيئي-
ڏُنگي وچ درياهه ۾.

آئيون آهون ڪَن پيون ڪنڌيءَ تي ڪيئي-
ڏُنگي وچ درياهه ۾.

ڦٽيون پريءَ پار ڏي اکيون اڳينئي-
ڏُنگي وچ درياهه ۾.

ڪيترو تو ۾ آهاءُ!
ڪيترو تو ۾ هڙڳاءُ!
چڱ ته ڪوئي ڪيت آهين سؤنف جو!

پيار! تنهنجي سار ۾
مون ڪي نه آهي رڪ رڪاءُ.

پيار جي خوشبو لڪي ڪئن
تو اڏامي چڱ ته واءُ!

تون جتي آن سونهن آهي،
اي پرين تنهنجو سماءُ —
چڱ ته ڪوئي ڪيت آهي سؤنف جو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿون جڏهن گذرين ته واڙيون
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

ڦهلجي ويو واس تنهنجو چڱ ته پرڏيهي پرين!
ڏينڍ ٿي آڏريون ته آڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

ٿون ملهين سڀ جڳ مليو تنهنجا ڳلن جهڙا سڄڻ!
پنڌ ۾ ساريون پهاڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿيءِ ويون.

پيار جي مند ۾ گهڙيون وينديون امرتا ڪيءَ رسيون،
زندگانيءَ کي لتاڙيون—
سؤ سڳنڌون ٿي ويون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد اچين ٿي تون
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي!

پاڻ ڪٿي وئين پاڻ سان
مون مان منهنجي مون کي
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي!

جڻ ڪنهن ڳهائي سڌ جان
مون ۾ آهين تون!
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي.

سيج لٿي جون ڳالهڙيون -
منهنجي تنهنجون-
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي!

جڻ ڪا جانجهه وڄي پيئي،
چنڊڙي آهي پيئون!
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي!
ڪجهه به نه ته تون آڻڙي!

ميگھه ـ دوت* تنھنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

اونداھي آڪاش مان
وڏڦڙي واڪو!

ميگھه ـ دوت* تنھنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

وڄ** وراڪا تي ويا،
وسڪارو ڪيڏو!
ميگھه ـ دوت* تنھنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

تنھنجي منڊ اچي وئي
ھا، پر ساجن چو
ميگھه ـ دوت* تنھنجو
نياپو چو نه ڏنو آ!
نياپو چو نه ڏنو آ!

* ميگھه دوت = مينھن جو نياپو آڏينڊڙ، ڪالي داس جي نظم
جو سرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ڪنجهڙي جڙئن پريهہ *
ڪيلُ پٺيءَ ڳونجڙي،
توکي ساريان ٿو.

هي مُنڌماتا نيڻ چنڊ
ڪيهپ پيو چُلڪي!
توکي ساريان ٿو.

منهنجو ڪنڌ اڃا بہ آ
تنهنجي ڪُلهڙي تي،
توکي ساريان ٿو.

توڙي ويجهي ڪانہ آن
ناهين پو بہ پري!
توکي ساريان ٿو.

---

* پريهہ = پرينءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊَ جا پاڇي نه ڀيرڙي،
ننڊَ چورائي پيو!

واءُ ۾ ڪوئي پکي آ
لات جنهن جي آ آويري-
چنڊَ جا پاڇي نه ڀيرڙي،
ننڊَ چورائي پيو!

آبَ تي ايڏي آچاڏيءَ
ننڊڙيءَ جي آهه ويري-
چنڊَ جو پاڇي نه ڀيري،
ننڊ چورائي پيو!

تو ٻنان ويهي آجائي
عمر گهتنگهر ۾ گهٽيري-
چنڊَ جا پاڇي نه ڀيري،
ننڊ چورائي پيو!

ڪِئن چئون ڪنهن وقت ٿيندا
ڪُوڙ جا هي ڪوٽ ڍيري!
چنڊَ جا پاڇي نه ڀيري،
ننڊ چورائي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت ۽ غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت ۽ غزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪلڙو، مَن هيڪلڙو

وڻ ۾ پَنَّ ته ڪيئي آهن
پوءِ بہ پَن پَن هيڪلڙو

دور ڪِڏم تائين پنڇيءَ وانگر
هيٺ ڏسي ٻن هيڪلڙو

لهرون، لُڙ، درياهہ گهڻيئي
تار تري ٿَن هيڪلڙو

ڪُنهن کي آچي، ڪُنهن سان ورچي
مَنُ آتم - ڏنُ هيڪلڙو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي چُپ اپار
چگي تہ ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نہ آ
ڪا جيءَ منجهان جهونگار.

ايڏي چُپ چگي تہ نہ آهي!
پڙجهڙ، ڪا پڙڪار!

زنجيرن لئہ زور نہ آهہ جي
ڪا جهيڻي جهڻڪار!

ڪاري رات ابد تائين آ،
اونڌهہ تارون تار.

پوءِ بہ تہ ڪا جيءَ جهروڪا
لڙءِ لڙءِ منجهہ لغار!

پوءِ بہ ڏئي ڪا واءُ وراڪا
ڪونجڙين ڪڙڪار!

چگي تہ ناهي يار
ايڏي چُپ اپار!

ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

امرت رس ڇلڪاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

سنج ٿي ڏي، ان ڪان اڳ ۾
رنگ نوان ٻرساءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

پوپيان پل پڪارون آهن
تن کي تون نه لنواءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي ته ٻوڙي *

ها، ها پل ٻوڙي
پائو، پل ٻوڙي!

آيري سيڄ آلهي ويا، ڪيسين ڪو لوڙي؟
ڪيسين ڪو لوڙي؟
پائو، ڪبو لوڙي؟

راهه ملي ڪا رنج مان، ڪيسين ڪو ڊوڙي!
ڪيسين ڪو ڊوڙي؟
پائو، ڪو ڊوڙي؟

زنجيرون زندان جون ٽوڙي ڪو ٽوڙي!
ها، ها پل ٽوڙي
پائو، پل ٽوڙي!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي ته ٻوڙي.

* ڏکڻ مينهن نه وسڻا وسي ته ٻوڙي.
(هڪ چوڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت کي مات ڏني آهي ڪنهن
چاتر گياني سوچي—

انت نہ ساڳو آهي، ڪهڙي
آتما ڪاني؟ سوچي—

تهر آئي ئي، ٿير نہ آهي
آئي جاني! سوچي—

پر هي ڪُوتا مرڻي ناهي
ڪا من - ماني سوچي—

چاتر گياني سوچي .......

## غزل

سانوريون نينگريون پنڊ ۾ ٿڻ لڏن،
چيٽ ۾ چڙهي ٻيا انب جا وڻ لڏن.

دور ريپاريون چڙهي وڻن تاريون،
وائڙي ۾ ٻيا ڪيترا ڏڻ لڏن!

ڇا اُتر جي ٽپٽ تو وساري ڇڏي؟
روز جهولا لڳن انب جا وڻ لڏن!

پيار تنهنجو پرين ايترو ويجهڙو!
دل ڌڪجي وئي ڪٿن نه ڏانوڻ لڏن!

هيءَ به آ شاعري جنهن سرءُ ڪان آ،
روز بادل وسن روز ساوڻ لڏن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## غزل

پاڻ کان ڪنهن هَرڻ جيان نه ڀڄو
رڻ ۾ رهڻو آ وَڻ جيان نه ڀڄو

سِڪّ ۽ ڇِڪّ ۾ رهي ويڃو
ٻار جي مُنهَن ڏِي ٿَڙ جيان نه ڀڄو.

آسمانن ۾ شور ٿِي گهاريو
وِڄّ وانگر وَسڻ جيان نه ڀڄو

نه ڏٺي آ نه ڪو ڏنار آهي
مينهَن جي ڏينهِن ڏَڻ جيان نه ڀڄو

ساٿيو! ڳورهاريءَ ڏرتيءَ تي
وقت کان اڳ ڇَمڻ جيان نه ڀڄو

پيرُ ڪوڙي رهو پهاڙن تي
پَٿّرن جي ڪِرَڻ جيان نه ڀڄو

رَتّ روڪي وِڙهو 'اياز' اڄان
ڪانئرن جي ڀَڄڻ جيان نه ڀڄو۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ تہ سيڪجهہ ٿو ٻـري
رات پتنگا مون ڏٺا
ٻارڻ ڪان اوري ٻـري.

ترس ميان ڪپڙا مـٿيون!
موت تہ پيو ڪجهہ ڪونہ آ
بس، ٿوري ساهي پٽيون.

چا نہ ڪبير جي واڻي!
”رام ڪرشن مرندو ڏٺو،
چارئي ويد ڪـهاڻي،“

واهہ ڪبير جي واڻي!
”مالا ڪاٺ تہ ٺاڪر ڌڪر،
تيرٿ ڌتو پاڻي“

مـينهـن کيو آ ماڳ،
روهـي اُتڙي يار فريدا
هاڻ تہ نينڊان جاڳ!

ڏُور نہ ٿُنهنجِي ڏِکُّ!
تو کان اڳتي آهہ چا
تون بہ تہ هڪڙي وِکُّ!

—

گيت نہ پَرکيَمُ ڍولَ!
ڪرشن چَڪَر جئن ويا
جن جا سارا ٻول.

—

سمجهو ٿا لوڪو!
راهـُو مرڻو ڪونہ آ، *
مري ويو ٻيو ڪو.

—

ماروءَ ڏِنا ويڻ!
جن سان ڪِرڙ ڪِکوريا
ڪنهن سي ڏِٺا نيڻ!

—

جـُـڳ ٿِـي ويا ٻيٺيء -
هاڻ تہ آرتيون چوليون
آيون مٿي تہي!

—

* راهو - شهيد فاضل راهو
”ميان بُلّيا، اسان مرڻا ناهين، مرگيا ڪوئي هور“
(بلهي شاهہ)

وهوا وڻن آننت جو!
واچوڙو وڏراهه ۾
آهي چڻ ته بسنت جو!

---

پاڻيءَ تي ڦوٽو
ڪيئن چوان ڪيڏانهن ويو؟
باقي هيءُ فوٽو!

---

هوندئن ته هڻي ڊايل،
توکي ڏسي پڻ به چڻ
اکيون بڪايل!

---

ڪيسين نچي مور؟
پيهر آيون چو ڌهڙي
گهٽائون گهنگهور!

---

اکيون پٽيو ٽڙي!
ميءَ جا ٻاڪ بسنت جي
آئي جهٽيو ٽڙي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون ڪوليو ڙڙي!
هي جي وڻ ٽڻ موريا
تن سان ٻوليو ڙي!

---

هي جڳ مڳ جيون ــ
ڇا ڇا هن سنسار جو
سهسين رنگ سپن!

---

متان آڻين من،
هي جو پن سڪي ڪريو ــ
سهسين ساوا پن!

---

هيءَ ڪنهن جي آ ذات؟
جيءَ جهروڪي مان ٿيي اڇي
پيئي ڪائي لات!

---

ڪنهن هي ڪالهه چيو
”قول نه ڦٽو ڏار ڌي
منهنجي پانڌ ڀيو!“

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو اونهارو!
ڇنڊ مٿانهون مونجهه ۾ —
پاڻيءَ جو وارو.

---

روجهڙيون پيهڙيون —
سڄ لهي ٿو سانت ۾
سامهون ڳيدوڙيون.

---

اڄ به سانيڻ ۾!
ڳاڙها ڳل ڦلاريا
روهيڙاءِ ڳهڻ ۾!

---

وسي پيو ڊڙ —
ڇپلا ڇپن تا پيا
ڪونيٽ ڪارونجهر!

---

ڪيئن وساريان؟ ڪيئن؟
چارڻين پيرون منڙا
ڪنهن جي ڇمڻين جيئن!

---

تنهنجو کهڙو سنگ!
”لڳو لاهوتين سان
روحل! تنهنجو رنگ؟“

---

ڇو تون کهڙي پون؟
منهنجون سڪن اکيون،
ڪٿي آهين تون؟

---

مان جنهن ڏوليءَ ۾،
تنهن وٽ ڳاڙهي سڄ جون
ڳاهون پوليءَ ۾.

---

آيو، آيو ڏولُ،
سونَ - سريکو سپرين
جنهن جو ڏولُ نہ مُولُ!

---

سورج ندي‌ءَ تي
رَوِي! ٻو چا ٿو ڏسين؟
دونهون هگليءَ تي! *

---

* هگلي = ندي جا ڪلڪتي مان وهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو سانت - سناٽو!
سڻ وسڻ تي روهه تي،
ڪونجن جو ڪرلاءُ -

— —

پي سڀ جنڊي ڳالهه،
کهاڙيا، ڪوڏاريا،
گوڏر وڏي ڳالهه!

— —

اڇا آهن باندر!
ساڳيو ڪسو ڪرم ۾
ساڳي ڏوري ڏاندر!

—

ٻيهون، نه ٻيهون؟
لهڙا لس وڃن پيا
ڪيچ - ڏٽي ڪيهون!

— —

ڇڙن جي ڇير پير -
ڪنديون ڇريا ڇيلڙا
مٺي کٽي ڪير.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَريا چو نه ورَ؟
ننڊ نه آئي رات ڀرَ،
ڪَنَ ٻڌي ڪُوڪرَ—

---

هي ڇا ٿو چاهيان؟
ڏنل ڏاڏائن جي
لوئي ڪيئن لاهيان!

---

متان ڪجهه واري،
ٿرن ۾ ٽڪري ٻوان
ڦهون پيئاري!

---

هاٿي ٿن جي سارَ—
جن موتين ڪئي مُنهن ڏنو
وَيا سبي وينجهارَ...

---

آرهي ڪَنَن ڪلا!
وري مينهن پون پيا
ڳُونجن اڄ نه ڳلا!

---

ماڏيئن تي ماڙا—
ڪينجهر، تنهنجي ڪنڌيئن
چوليئن ۾ چاڙا!

—

مُنڊون منڊيئڙن—
ولوڙڻ جي ويڙ چڙ
ٻنگيو ٻانهن هٿڙن!

—

ڇڪ منجهان چاڙهو؟
ڪنهن چاتو آهي ڪڏهن
هاڙهو تي ڳاڙهو!

—

آهه اوهان سان ڇو نه؟
ميندي ناٿ ملير جي
ٻي مان لايان ڪونه.

—

پر ڪان پاڻ نه پڪل!
سائي وڻ جي ڇانو ۾
گهوڙو گهوٽ نه جهڪل!

—

سنڌوءَ جو پاڻي—
بيڪس، ريشم - پٽ جمن
چڻ هيءَ واياڻي!

---

وڳر ويو ڪنهن ڏاران؟
هي ڪنهن جو ڪُرلاءُ اچي ٿو
وڇڙي ڪونج قطاران؟

---

موتُ نه ڪاڏي ماتر،
وري سيج لُڌو لُڏهان
راهوڪيءَ تي رات!

---

اڱڻي تي سوچي،
آءٌ ڏسان، ڇا لاءِ ٿو
جيوتي ٻاسوءَ ڏي؟

---

ڪنهن ڪي ٽڙي گولي؟
پيٽي اُتر واءُ ۾
ساڙ سڙي ٻولي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرِ پيلا گُلَ-
ڪارنيون ڪَڪريون چانوَ ۾
هيٺ هُلاچا هلن.

—

چانڊوڪيءَ ۾ چارا-
پانهن پانهن ۾ اڄ ٻه آهن
تنهنجي سنگ پسارا.

—

سانوڻ جو جادو-
اڇا ڏائين پُرت جي
ڪرن ۾ خوشبو!

—

اوڏي اُڏن تي،
چڙ چوڏس جو چنڊ آ
تن جي پَنن تي!

—

هيءَ ڪولهڻ ڪهڙي تي؟
روهيءَ واري ٻينهن جي
چانڊوڪيءَ جهڙي!

—

ٽڪا ويا ٽوڙا،
ڏٺي ساري سنسار کي
لڙيءَ ۾ لوڙا.

---

ڌپن نه لوڙها
ڪتيءَ جي آڪاس ۾
ڪڪر به ٻوڙها!

---

ٻاڊل ماٺينديون؟
روهيڙي جا گلڙا
اڄ به آڻينديون؟

---

چوڌرا چمڪن تارا
مون کي ريتي رات جو
ڌهه ڌهه ڌمڪن ٿا.

---

ڪيڏا ڏکڙن ۾
ڇٽڙا ڇڄنگ وڃن پيا!
واريءَ ٻرن ۾!

---

هي جو روهيڙو،
اهڙو ڪوئي ڏيهه ۾
آهي ڏوهيڙو؟

---

مٺان سرهہ چنڊ،
هيٺان تڏي تي آمڙ
اڄان پينهين چنڊ!

---

اونهارو، ليڪين،
پيتارين تي ٻڪَهہ ڇنن
آس پيا سهڪين!

---

منهنجا ڪيت ڪراڙ،
ڇو هي فوجي وَنن تي *
بندوقون پَهرا؟

---

چاڙهو چاڙهن تا،
ٻڌيون آڪاري پيڙيون
ڪنڌيءَ آئن تا.

---

* وَنن = Van

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪن پڙاڏا،
ڀيرن آھن، پنڌ ۾
ڏاڏا، پڙڏاڏا!

---

ويڙھو ونا واسي،
ھل سهاڳڻ ننڍڙي
پرينءَ جي پاسي!

---

چنڊ به ڪھڙا چنڊ!
بيجل به تي ڏيھڙا
سدا ناھي سنڌ!

---

ڪوئي آھي ڙي؟
اکيون پوئي ڪو ھتي
موتيو ناھي ڙي!

---

پھچي ساڳي پڳڙي،
ڪنھن ھي تنبو تاڻيا
اسان جي گڙھ لڳي؟

---

# شڪي وطن



# نثري نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توُن ۽ مان اُن وقت مليا هياسين
جڏهن ڪوهه سڪي رهيا هان؛
۽ تـرڻ ٻاڦيءَ ۾ اڄ آڏري تڪجي پيا هان؛
جڏهن ٽريچاڻيون پار ڪري رهيون هيون
۽ تازيون ٻنيون اڃا ڪونه سڪيون هيون؛
جڏهن ڪوهن ۾
تارن جا ٽڪڙا نظر نه ٿي آيا،
مون توکي سڏ ڪيا ها
۽ تون مون کي ائين ملي هئين،
جئن سارنگا سڏ ونت کي ملي هئي!

مون سپنو ڏٺو هو ته توکي اچي رهي آهين؛
اهو سپنو پيتائيءَ جي واءِ ۾ هو؛
انهن گلاب جي گلن ۾ هو، جي تو کان سواءِ ٽڙي اجايا ئي لڳا؛
سڄ لٿي جو ورندڙ ڏيورن جي چمڪن چڙن ۾ هو
جن جي لار اُن ڌرتيءَ تي پري رهي آهي
جنهن تي انڌيارو چانڊجي ڇڪو آهي؛
سپنو جو اُن جي سرهه جي واءُ ۾ آهي،
جو بسنت جي ڳولا ۾
وانڍو ڦري رهيو آهي.

اِن ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي
تہ اسان ڪانءِ وڏيڪ
ڪوئي وچوڙيل نہ آهي—
ديوار برلن ڪنهن ڪَرِٽ وانگر
گوئٽي ڪي
اڌوڙ ڪري وڌو آهي
۽ بيٿوون ۽ باخ جا نغما
هوائن ورهائي ورتا آهن،
پر پوءِ بہ جرمنيءَ جا رهواسي
بجليءَ جون تارون ڏسي
هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃن ٿا؛
۽ مان ويزا جي انتظار ۾
گهر کان ٻاهر ڪنڙي اجنبيءَ ڪي
چتائي ڏسي رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان
تہ هو ڪو سي. آءِ. ڊيءَ وارو تہ نہ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گيتا

(لنڊن ۾)

جيئن طوفان کان پوءِ
گهمسان ۾ سـر پڌي ويندا آهن .
ائين هـُن جي شڪل صورت
منهنجي روح جي گهراين ۾ پڌي وئي هئي. *
ڪيئي سال ٿيا
زندگيءَ جي انوکيءَ آزمائش ۾
ڪائي لهر
هـُن کي لوڙهي آئي هئي
جوهـُو بيچ تي **
سڌو منهنجي آغوش ۾،
۽ هاڻي مان هن کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهيان
(زندگيءَ جو جبر مون کي ڌڪي رهيو آهي)
هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن، ***
۽ سوچان ٿو ته جُدائي ٻنهي کي ڪائينڊي رهندي
ٻنهي جي هڏن مِڪ کي
لارا ۽ زواگو وانگر. ****

---

* پهريون بند روسي شاعر پيسترنڪ جي هڪ نظم تان ورتل آهي.
** جوهـُو بيچ = بمبئيءَ ۾ ساحل جو ڪنارو
*** هيٿرو ايئرپورٽ = لنڊن جو ايئرپورٽ.
**** لارا ۽ زواگو = پيسترنڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جا ٻه ڪردار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونجن جو وڳر
اُڏاڻو
ته گاهه
ائين غشيءَ ۾ اچيِ ويو،
جيئن
سَر ۾ وهنجندڙ ي
نَنگيءَ نؤُورنيءَ جي
ڪنهن ٽاڪُوءَ تي
اوچتو نظر پوي
۽ هوءَ
وسامي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ ۾
ڪوئي ٻارڙو
چانڊوڻيءَ جي ڦار
ڪاڏي رهيو آهي
يا وات سان
ڳاڙهو ٻاجهو
وڃائي رهيو آهي.

آبد جي ڪباڙخاني ۾
اصغر گونڊويءَ جي عينڪ
۽ مولانا آزاد جي
چهءِ جي ڪيتلي نظر اچي رهي آهي،
۽ مولانا چانءِ پي
سوچي رهيو آهي
ته 'اصغر گونڊويءَ جي' مجموعي ڪلام تي
مٿاڇ ڪيئن لکان؟
چيا، مان آهيان عينڪ لڳائي
اصغر گونڊويءَ وانگر
ڪائنات کي ڏسي سگهان ٿو؟

## پڳڙائي کي

او منهنجا مرشد!
مان ڪٿي هجان
جي ازلُ ۽ ابدُ
منهنجي دسترخوان جي ويجهو نه هجن-
ازلُ ۽ ابدُ،
جي منهنجي شاعريءَ جا به غلام آهن
۽ جي غلام گردش ۾
رستو روڪي بيٺا آهن
موت جو،
جنهن جي حملي کان
ورلي ڪو بچيو آهي.

منهنجن لوڙن ۾
چانديءَ جون تارون اڇي چڪيون آهن؛
مان چاهيان ٿو
ته پنهنجو بياض پورتي رکان
۽ اتي ختم ڪيان
ان افساني کي،
جنهن جي نه ابتدا آهي
نه انتها آهي
۽ ائين چپ چاپ
ڪائنات کي ڏسان
جيئن پٽائيءَ
ڪراڙ جي پر تي ويهي
پاڻيءَ ۾ تارن جي پاڇي تي
رسالو ڦٽي ڪري،
آسمان ڏانهن ڏٺو هو.

مان پنهنجي رسالي تي جهُڪيل آهيان،
موت پٺتي موتي رهيو آهي
۽ چوڏهينءَ جو چنڊ
هن جي شڪستہ تسي ڪيلي رهيو آهي
۽ درياهہ ۾ پاڻيءَ جا ٻُڏبُدا
پنهنجون اکيون پٽي،
هن کي حيرت سان ڏسي رهيا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي، نيلو، پيلو ڳهاڳهرو،
جنهن جي ڪور ڪيسري آهي؛
هي، سنڌ نگر
۽ آن جي واديءَ ۾ ويلا
مون کي ڪيترا نه پيارا آهن!
مان جو دنيا گهمي موٽي آيو آهيان،
پنهنجي ماترڀوميءَ ڏانهن،
۽ آن جي پيرن وٽ
مون پنهنجي ڪوتا ڦلن جي ڇاپ وانگر
پيري رکي آهي؛
سوچان ٿو ته دنيا جا
سارا مهان ڪوي به ته آخر مٽي ٿي ويا؛
پرواهه نه آهي،
جي دنيا منهنجي آنهن سان پيٺ نه ڪري!
منهنجي امرتا ته اِنهيءَ مٽيءَ ۾ آهي
جنهن ڏانهن آءٌ موٽي آيو آهيان،
جنهن کي ايئن ڳائي
مان آن ۾ سمائجو آهيان،
جيئن
پاڳوپيان وڳهڪوٽ کي ڳاتو هو.

ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين،
ته مان
اندرا گانڌيءَ جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيان؟
توکي شايد معلوم نه آهي
ته اڳ
مون جهانسيءَ جي راڻيءَ جي موت تي به رُنو هو
۽ اها تلوار،
جا هُن جي ڪپيل هٿ مان ڪِري پئي هئي
مون صاف ڪري
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾
سانڀي رکي آهي،
۽ ڪنهن ڪنهن وقت
اُن کي ڪم آڻيندو آهيان
ته جيئن اُن تي ڪَٽُ نه چڙهي وڃي!
مون ايترو ڏک ڏٺو آهي
جو منهنجي اکين ۾
ڳوڙها سڪي ويا آهن،
پر جي اندرا گانڌيءَ جي موت تي
منهنجين اُجايل اکين ۾
ڳوڙها پرجهي اچن
ته ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين
ته پنهنجن ڳلن ۾ پرنڌڙ باهه تي
ٻه چنڊا وجهان.

مون کي ياد نہ آهي تہ هن پنهنجي صدريءَ
جا بيڙا تڙتڪڙ ۾ پاتا هيا يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن تلوار مياڻ
مان ڪڍي هئي، تہ هن آن کي چميو هيو يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ هن واڳهہ وانگر ڇال
ڏئي گهڻا انگريز ماريا ها!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن کي ٻڌو هيائون
تڏهن هن جي بدن تي گهڻا گهاو هيا!
مون کي رڳو اهو ياد آهي
تہ جڏهن تانتيا ٽوپيءَ ڦاسيءَ جي رسي ۾ لڙڪي
رهيو هو
۽ مون هن جا تڏا پير چميا ها
تڏهن منهنجي تن بدن ۾
آزاديءَ جا لکين آڙاهہ ٻري پيا ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪير آهي؟
ڪوئي مسافر آهي؟
ڪوئي خبطي آهي
يا مايا ڪووسڪيءَ وانگر
ڪوئي شاعر آهي،
جنهن جي تيز نگاهہ
ڪنهن ماهر جراح جي تکي اوزار وانگر
تاريخ جي سيني کي
چيري رهي آهي!
هو ڪنهن ڪنهن کي
بنواس ڪاٽي
موٽندو ڏسي رهيو آهي؟
هو ڇو ٿو چاهي
تہ ٺئين دور جو ويدوياس ٿئي؟
هو ڇو ٿو چاهي
تہ ڪُرڪيتر واري جنگ
ٻيهر لڳي؟
ڇا هُن بہ جوئا ۾ ڪائي املهہ شيءِ هارائي
هئي؟
ڇا هن بہ جوئا ۾ ڪائي املهہ شيءِ هارائي
هئي؟

سبطِ حسن

دلّيءَ ۾ مري ويو

۽ هن جو لاش ڪراچيءَ کڻي آيا

۽ هنن ڪاتي ڪڍڻ پڇيو به نه

ته "توکي ڪٿي ٻُوريو وڃي؟"

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن ٻاڻ
رت ڏوهي ڇڪو آهي
۽ آهي رت وهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا اڇا پشپ
من جي پوترتا وانگر ترڻ پوندا آهن.
ڇا تون اجان چاهين ٿو
ته ابوسمبل جي مندر وانگر
نانڪاٽا صاحب کي
ڌرتيءَ تان پٽي
امرتسر نيو وڃي؟
يا توکي يقين آهي
ته سنت جرنيل سنگهه مئو نه آهي
۽ دليءَ جي رستن تي
رت جا نوان تلاوَ پرجڻا آهن.
۽ تون پاڻ سان گڏ
مون تي به ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو
ته جيئن دروازن جي پٺي پاسي
مان مالتيءَ جا اڇا پشپ
ڏسي نه سگهان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙي - پنيان
اڻويهه سو ستيتاليهه جو
لهندڙ سج،
وسڪيءَ جي ٽتل- گلاس وانگر
لڳي رهيو آهي.
منهنجي من ۾ ايتري نراسائي ڇانيل آهي
جو مان چاهيان ٿو -
ته ساري رات پيئان،
جئن ڪيمپ جي چولين ۾
منهنجو اٿاهه دک
ٻڏي وڃي.
مان ٽپو ڏئي
ٽرام تي چڙهي ويهان ٿو
۽ وڃان ٿو نيپئررود ڏانهن
ٺرري جي ٻوتل وٺڻ لاءِ.
ٽرام
رستي تان
ڪيئي مزدور
۽ ڪيئي خلاصي
کنيا آهن
جي موٽي رهيا ها
ڪياماڙيءَ تان.
شايد آهي به وڃي رهيا آهن
ٺرري لاءِ،
پنهنجو ٿڪ مٽائڻ لاءِ.
ٽرام ۾
ڪيڏي نه پيهه آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا ڪلها ڳسي رهيا آهن
مزدورن جيان،
۽ خلاصين جيان؛
انهن جي مائٽن جو
ڪيڏي نه سگهه آهي!
انهن جو
ڪائي ڏراٺائي نه آهي،
۽ آهي ٻئي ڏينهن کان،
مون وانگر -
هراسيل به نه آهن.
شام جو ڪراچي
ايئن وڃي رهي آهي
جيئن ڇوڙ وٽ سنڌو وهندي آهي؛
۽ ڏکڻ،
منهنجي من ۾
ڪويل وانگر،
ڪوڪي ڪوڪي ٿي
ساڻو ٿي پيو آهي...

٩

منهنجي ديس جا
چين نواز اشتراڪي سوچڻ وارا
ته ڇا مائوءَ ڀِرنان ۾ مري چڪو آهي؟
ڊينگ آمريڪا جا جوتا چٽي رهيو آهي
پر اهي جا هو اِهو مڃڻ لاءِ تيار نه آهن
ته مائو مري چڪو آهي!
هو اِهو نٿا سمجهن،
ته ڪنهن به پيغام کي ابديت نه آهي،
ته جو پيغام صليب تي چاڙهيو نه ويندو آهي
پنهنجي موت مري ويندو آهي،
ته پيغام به فاني آهن
انسانن وانگر.
اي ڪنفيوشس!
تو ڪٿي چو ڪٿا ڪيا آهن،
ڇا تون مون کي ٻڌي رهيو آهين؟

جيئن ڪنجين جا
پرپور گوشا
لڙڪندا آهن،
ائين
ڦاسيءَ جا ڦندا ٽٽي پيا آهن
۽ انهن ۾
ڪَنڌَ لُڏي رهيا آهن.
اي آزاديءَ جي رُت!
تون اچي وئي آهين
تون اچي وئي آهين!

اڪويھين صدي شروع ٿي چڪي آھي.
اڌ رات جو
سماسٽا ڪان اينڊرڙ گاڏي
سڪر جي پُل تان لنگھي رهي آھي
۽ آن جي بتين جي روشني
پاڻيءَ ۾ پئجي رهي آھي
پُر اسرار
دل آويز
محبت جي وارفتگيءَ وانگر
خواجہ فريد جي ڪافيءَ وانگر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌين ٿو؟
شيون ڳالهائن ٿيون!
هي ڏنبورو آهي، جو ٻڌائي وڃائيندو هيو
ته اُن جي ڌارن مان
رابيل جا گل ڦٽي پوندا ها،
جن جي هڳاءَ ۾
سڀ ويڙهجي ويندا ها.
هي ڪبير جو چرخو آهي
جنهن جي ڌاڳي پيڃي ۾
ساري ديس جو من
اُٽجي، هڪ ٿي ويو هو.
هيءَ اُها رسي آهي
جنهن ۾ نانا صاحب کي لٽڪايو ويو هو
۽ جا اڄان ڌائين هوا ۾ لٽڪي رهي آهي
۽ نه ڇاڻان
ڪنهن ڪنهن سِرَ جي منتظر آهي!
تون جو
منهنجي شاعريءَ کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهين،
ٻڌين ٿو؟
تاريخ جي عجائب گهر ۾
شيون ڳالهائن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪريٽريٽ ۾
هو فائيل بند ڪري،
فيض جو شعر جهونگاري رهيو آهي—
پيو ڪه مفت لگادي هي خون دل ڪي ڪشيد
گران هي اب ڪي مي لاله فام ڪهتي هين.
فيض ته پنهنجا شعر محنت ڪش عوام لاءِ لکيا ها؟
هي جو رت پياڪ طبقو آهي
جنهن جي واڇن مان
محنت ڪش عوام جو خون ٽپڪي رهيو آهي،
فيض کي ڇو ڳائي رهيو آهي؟
فيض ته پنهنجي زندگي ڏئي
اها شاعري ورتي هئي،
جيتوڻيڪ هو به انهيءَ محنت ڪش وانگر هيو
جنهن کان پنهنجي محنت جو ملهه کسيو ويو آهي،
جنهن جو خون
اُنهيءَ رت پياڪ طبقي جي واڇن مان
ٽپڪي رهيو آهي
۽ جنهن جيءَ تقدير تي
سيڪريٽريٽ ۾
اهو فائيل بوتيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجون نظرون
هڪ سرويئر وانگر
تنهنجي قبر کيچي رهيون آهن
قبر، جا ڪراچيءَ کان ڪارومنجهل تائين آهي،
۽ جنهن تي انبارَ ڪنڊن جا نڪتا آهن.
نه ڄاڻان تنهنجي روح ۾ ڇا هيوَ
جنهن مان ايترا ڪنڊا نڪتا آهن!
نه ڄاڻان توکي ڇو نه ملي سگهيو
اهو جيئڻ
جو ڪنهن سؤنف جي کيت مان گذرڻ وانگر
لڳندو آهي.

هي ڪھڙو بسنت آهي؟
پنن تي ماڪ موهيڙن وانگر لڳي رهي آهي!
پکين جا پَر
هڪٻئي کي
ڪئنچين وانگر ڪَٽي رهيا آهن ۽
اورنگزيب اڃا تخت تي آهي
۽ دارا جو روح
پنهنجيءَ مزار ۾
پنهنجيءَ شهادت تي
افسوس ڪري رهيو آهي!

چيني سيلاني
شيوسانگ،
ڪونيشيوَر جي بندر تي لٿو آهي؛
پوياڙيءَ جو سج
سمنڊ تي
ڪنهن غدار جي چمڙيءَ وانگر لڳي رهيو آهي؛
شيوسانگ مون کان پڇي ٿو
”ڇا هن ديس جو نالو سنڌ آهي؟“
مان وراڻيان ٿو: ”هائو، هن ديس جو نالو سنڌ آهي“
هو وري پڇي ٿو ”ڇا هن جي ٻيرين ۾
سونا ٻير ٿيندا آهن؟“
”هائو هن جي ٻيرين ۾ سونا ٻير ٿيندا
آهن“ مان جواب ڏيان ٿو، ”پر ريهارين
جا گل انهن کان وڌيڪ سونا هوندا آهن ۽ ٿر جي
ريتيءَ تي سج جا سونا شعاع به“
شيوسانگ وري مون کان پڇي ٿو: ”مون ٻڌو
آهي ته هتي پٽ پٿيهر ڏاڍو عمدو ٿيندو
آهي؟“
”هائو“ مان جواب ۾ ڪنڌ لوڏيان ٿو، ”هائو
سومراسَر تي جڏهن سومريون پاڻي ڀري پٽ
تي ويهنديون آهن، تڏهن ائين لڳندو آهي ته پٽ جا
ٽاڪيا اُڪلي پيا آهن“
ڪجهه سوچي وري هو پڇي ٿو ”مون ٻڌو آهي
ته هتي گيت ڳائيندا آهن جن کي ’جهڪڙيون‘

ڇيو ويندو آهي. ماڻ اُنهن ۾ جڪڙجي ته نه
ويندس؟ مون کي پنهنجي ديس مون وڃڻو
آهي"
"هائو تون اُنهن ۾ جڪڙجي وينديئن"
ماڻ هن کي چوان ٿو "۽ جي تون اُنهن ماڻ
پاڻ ڇڏائي به وٺين تڏهن به ساري عمر
تنهنجو من اُنهن ۾ جڪڙيل رهندو"
شيوسانگ ڪوتيشور جي بندر تي وڃي رهيو آهي
۽ سامهون سمنڊ تي
پوياڙيءَ جو سج
ڪنهن غدار جي چميءَ وانگر لڳي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن ديس ۾ هڪڙو پن به اهڙو نه آهي
جنهن کي آءُ نه ڄاڻان“
(چلي جو صدر آگسٽو پنوچي)

پنوچي!
آلندي جي دل به هڪ پن آهي
جو ڇڻي پيو رهيو آهي
تنهنجي بندش جي باوجود
۽ توهان
ان پن جي ڇڙپڙ
گولين سان بند نه ڪري سگهيو آهين،
۽ جيڪو ان طوفان جي انتظار ۾ آهي
جنهن ۾ ڪروڙين پن
تاڙيون وڄائي،
ان انقلاب جي آجيان ڪندا
جنهن جو انتظار
هو اڄ
خاموشيءَ سان ڪري رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ليار جي وڻ کي چيو:
”مون کي بُک لڳي آهي
”تو ۾ ڳاڙها ڦل ڪڏهن ايندا؟“
۽ پوءِ شام ٿي وئي
۽ شفق جي ڳاڙهاڻ ۾
ليار جو وڻ ڪجهه سوچيندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڏ ڪيئن ڪناري تي
سمنڊ کي سمايو آ؟
شور تہ ڪڏهن آن ۾
هانءُ سان هنڊايو آ؟

اينئن ڪڪرَ آهن جي،
هيءَ سمنڊ ساري ڪي
پاڻ ۾ سمائن تا
ڪوڏ جئن ڪناري تي!

چپ چپ آهن پر
نيٺ هانءُ پرجي ٿو،
نيٺ سپ مان آئي
سمنڊ جيئن گرجي ٿو؛

بس اها تمنا آ،
ڪوڏ جئن اگر چاهيان،
شاعري ۾ پنهنجي
سمنڊ ڪيئن ڦهلايان؟

علي الصباح ڪه مردان به ڪار ڪار روند
بلاڪشانِ محبت به ڪوئي يار روند
(هڪ پارسي شعر)

ٻاڪَ ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سڄ ـ اُهاءُ ڪري؛

رَتَ اُبڙڪا ڪائي ٿو ايئن
ڏينهن ٿتو جيئن تاءُ ڪري!

سارو وقت ته رهندو ناهين،
ويندو آنهه سماءُ ڪري!

ڪيسين ڪوءِ ڪلالن جي ۾
منهنجي ذات هڳاءُ ڪري؟

آءُ ته آدرياءُ ڪري ڪو،
تنهنجو آدرياءُ ڪري!

اچـا اُجهاڙـل ڏيٺو نـاهيان،
تـون جـو اڇٽو آهيـن، آهٌ!

تنهنجي ڪـارڻ ليـٺـا پـاتـا
ساري رات جـَاڳي مون در تي؛
ڪيـڏو ڪـارو انـڌيـارو آ
پنهنجي ڪاٽي تـائين سانيـَر تـي!

چانڻ پـرهـ جـا پنهنجي اُڏريا!
تـوڙي پـوئيـن آهـي ويـرا،
منهنجي جوت اچا ٻه ٻري ٿي
اچا ٽڪيان تـو تنهنجا پيرا.

اچـا ٻه سـاگيو ليٺو آهيان
اڇٽو آهيـن جـي تـون، آهٌ!

تون جو چڙهُ ڪنهن وقت ڏسين ٿي
جهرڪُ جي جهالر مان،

منهنجي ويڙهي جي آڱر ۾
املتاس جي وڻ تي جهڙو
پُورو چنڊ رمان !

آهه ڇهان ٿو تنهنجو مکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سمجهه نه آندو آ!

ڦُول - جيان آ ساڳيو مُکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
سمجهه نه آندو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار تہ مون سڀ پيرا ڪيو آ
پوءِ بہ چئن هڪ پيرو ڪيو آ؛
مَنُ اُجرو آهي اڄ تائين
ڪنهن چنڊ جي تَن ميرو ڪيو آ!
ڪيڏي سالن کان ڪنهن پنڇيءَ
مون ۾ چڻ آکيرو ڪيو آ!

ڪنهن گوڪل جي متوونتيءَ جهڙي *
سارَ سهاري گذريو جيون،
اِندرڏنش جئن جنهن جو مکڙو *
تنهن کي ساري گذريو جيون،
سو مکڙو آ اڄ بہ هٿن ۾
پيو سڀ واري گذريو جيون.

* متوونتي = ماکيءَ جهڙي.
* اِندرڏنش = انڊلٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران

رات جو سڄو صحرا
دور دور رستي تي
ٻـيـر تا وچـن تنهنجا،
ڪيترو ٻـراي ويـنـديـنءَ
آءٌ هـي نـہ چاڙان تـون؛

دل ٻـٽي چيو ”تـوکـي
”اِن طـرح سـمـايـان آءٌ،
”دل انـدر ڇپـايـان آءٌ،
”دور ٿـيـن نہ تون مون کان“

تـون مگر رُسي جـانـان
اِئـن وچـي رهـي آهـيـن،
چنڊُ جـيئن بـادل کـان
دور دور ويـنـدو آ.

آءٌ تـو تڏهـن سـوچـان،
”اج جدا ٿيون تـون مان
”سـو گهڻو چـڱـو آهـي
”موت جي جدائيءَ کان،
”جا ڪڏهن نہ اچڻي آ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري طبيعت تي
ايترو ته ڇانئجي آ،

هيءَ اُيام ڇولين جڙي
ڇڙ ته پوڏ آئي آ!

ڪيترو آلُوٽ آهيان
پوءِ به مان اڻوُٽ آهيان،

مَتّڏ ۾ رَتا ڪيئي
شعر ليڙڪڙائن ٿا.

پوءَ به آتّ انيوءَ سان
ڪينرو وڃائن ٿا؛

جيءَ ۾ جهمر آهي
يار سَتوَ ڪَتا آهن

وارَ هينَ حياتيءَ جا
سات جڙن سَتا، آهن؛

چؤطرف زماني جا
ڏاڍ ۽ ڏمر آهن.

پوءِ به گيت ٻرسن ٿا
آپّ ۾ چمر آهن؛

ڪير شعر ٿو جوڙي؟
ٻَندَ ڪير ٿو ٽوڙي؟

هيءَ ايامَ ڇولين جِي،
هيءَ اڏامَ ڇولين جِي،
اگ ڪڏهن نه آئي آ؛
ڪيتري سُهائي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ رات اِي سانتي
ڏس ته ڪيئي روهيڙا
ڇڻ لڳن پيا تر م،
ڏهر ڏهر ڏوهيڙا.

سانت ته آهي وڻ وڻ جي
پيوڻ پوڻ آ آهڙو
آ و شپال واريءَ تي
چنڊ چيٽ جو جهڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڌيءَ جي خاموش نگر ۾ تون جو ايندي آهين
منهنجين آڱرين تي پنهنجا وار وڇائيندي آهين،
۽ پنهنجي پهلوءَ ۾ آڻي مون کي چوندي آهين:
”مون کان دور رهي تون ايڏو ڇو ٿو مون کي چاهين؟
”ڪيڏو دور رهان ٿي توکان ٻيءَ ڪنهن دنيا ۾،
”مان جي هاڻي ايندس تو وٽ رهندس مان ڇا ۾؟
”منهنجو جنم جنم جو توسان ساٿ تہ رهڻو آهي
”توڙي آهي پڙتان پڙتان ساٿ تہ رهڻو آهي،
”نيٺ تہ توسان ملڻو آهي مون لئہ جاءِ ڇڏي ڏي
”پنهنجيءَ دنيا ۾ تون مون کي تيسين هاڻ ڇڏي ڏي!“

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ بہ پوڙهو آهي،
يا هُو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڌاري، ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏُور ڏياتيون آهن
جي وِسمَئہ مان مَنش ڏسن ٿا.

وشوُ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا اُن ۾ ڪوئي دَر آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اُن ڪان ٻاهر ڇو نہ وڃن ٿا؟

هُونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!

---

وِسمئہ = حيرت
مَنش = انسان
وِشوُ = ڪائنات
وشال = ويڪرو، وسيع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
ڇٽڻ، توکان ڪو منهن گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي اِئن لڳندا
اِندبمانَ جي ڇانڊوڪيءَ ۾
ڇڻ ڪي هڏڙا پکڙيل آهن-

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهن
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!

---

اِندبمان = ٻيٽ، جنهن تي انگريزُ باغين کي سزا طور موڪليندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه به نه ته اڄ پاسي مون کي
سانت سمنڊ جيئن آهي
جنهن ۾ آءٌ سمايل آهيان،

آسمان جي نيري ڪُن ۾
نيرونيءَ جي نينهن ونگهر
گھُوريان ته، گھرايل آهيان.

ڪيڏي سانت وڇايل آهي
جھرمر جھرمر تارن ٽمٽارن
جن جي حدّ حسابُ نه آهي!

ڪنهن پينوءَ جي پاندَ جيان ڇڻ
هي سارو ڪجھه پالهو آهي؛
ڇا، هي سڀ ڪجھه خواب نه آهي؟

چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي بوٽي جيان،
چڙ تون هئين،

يا سڳنڌن ۾ پريل ڪنهن واءُ جي جهوٽي جيان،
چڙ تون هئين،

ڪيرتر تان ڳڌ ڪو نئن ڳاج تي جيئين جهڪي،
تئن مان هئس،

رڻ ۾ ڪوئي هرڻ پاڻي ڏسي ڏاڍو ڏڪي،
تئن مان هئس،

تون ملين، مون کي ته سارو جڳ مليو، پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪ ڀي!

ماڳ ڏاڍو آ پري، جي ڏڳ مليو پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪ ڀي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارو عرش منوّر آهي
چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو؛

دور پڻائيءَ جي بستيءَ ۾
سچل پنهنجي سرمستيءَ ۾
بيٺو مون کي تاڙي ٿو؛

چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منوّر آهي.
ڇا هي منهنجو ڏيئو گهر آهي؟
ڇا هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو؛

چئي، ”هي شعر اڌورو آهي
”ويٺي ڪالهه لکيائين ٿئي جو
”جهونگاري سوچيائين ٿئي جو،
”پاڻيان ٿو اڻ پورو آهي.“

پرسان ڪوئي سوچي ٿو،
”بس، هي هاڻي اڇو ناهي
”پور پتڻ جو پويون آهي
”ڪٿي وڃي ٿي ناوَ نه ڄاڻان
”دور ڪنارا مان نه سڃاڻان.“

آءُ انهن جي سوچ پڏان ٿو
موتي تن کي آءُ ڇوان ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تـوڙي ڏور اُسـهڻو آهـيان
آءُ اوهـان ۾ رهڻـو آهيان“

پر هُو مون کي ڪونه ٻڌن ٿا
لُڙڪ اگهن ٿا، پوءِ چون ٿا

”هن جـا گيت ته سپنا آهن
”پر هـي سُپنا سچّا آهـن
”آزاديءَ جي وڪڙ وڪڙ تي
”هن جـا پيـرا چِٽّا آهـن،
”هن جا گيت نـه مـرڻا آهن
”گونجَ نه اگهي تن جي گهٽ ٻي
”گيت ته ناهن جهـرڻا آهن،
”امر گيت جي بارش وانگر
”ٻـر ٻـر وَر وَر وڙڻا آهن؛
”نيٺ ڦلن رُتڙ اُچڻي آهـي
”هن جا پاڳ سنورڻا آهن،
”هن جا گيت نه مرڻا آهن.“

پوءِ ڪو مون کي ڳائي ٿو
چنڊُ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿـو
سـارو عـرش منـوّر آهـي.

”مرزا رُسوا“ وانگر شاعر
فرش نشين آ،
جام و صراحيءَ جي گردش ۾
عرش ٻرين آ؛
ڇما ڇما ڇم ڇيڻ - جادو،
دور ستارا
’اُمراءُ جان آدا‘ جا گهنگرو -
آسمان جي ڪونڊي تي ڇڻ
ڪونڊي غزل سرا آ!
غزل به اهڙو جنهن جو ڪونڊي
مطلع ڪونهي
مقطع ڪونهي۔

## ڊاڀ

موٽيون ڪجهه آهن منهنجي
جيون جي پيچواڙي ۾
جن جا سالم سنڌ نه آهن
جن کي ڪُلهن تي ڪنڌ نه آهن!

هي جي ٻه ٽي آڳنڌ ۾ آهن،
يا جي مون ڏي پنڌ ۾ آهن،
تن کان آءٌ لڪايان ٿو جي
جيون جي پيچواڙي ڪي
پنهنجي پريت جي ڏاڙهي ڪي.

ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي
تنهائيءَ ۾!
تون جو جيئڻ جو جَسُ آهين
ڪهڙو چوي ٿو تون ڪَسُ آهين!
جيئڻ مرڻ جي هر ناتي کي
معنيٰ ڏين ٿو
ڏکَ سُکَ ۾ سَڏَ ورائي
چا. چا ڏين ٿو!
هر ساپيا کي سپنا ڏيئن ٿو
هر سپني کي ساپيا ڏين- ٿو؛
مون کي ڌرتيءَ سان وِاڳي تون
تارن تي ڪنهن وقت سڏين ٿو؛
جهونجهڪڙي ۾ ماڪ پوي تي
تون مهڪين ٿو،
باک ڦٽيءَ جو پن پن پنڇي
ڏي چهڪين ٿو،
گاهه مٿان جئن واءُ لڳي ٿو
تون لهڪين ٿو،
روز نوان سُر تون آچين ٿو،
مون ۾ آگ جيان دهڪين ٿو،
مون سان ڪُوءڪلاڻن جي ۾
تون بهڪين ٿو،
منهنجي ڪـوُتـا تيـن ٿـو.
توڙي عمر سڄي مـان ڳايان
مان تنهنجو احسان چُڪايان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممڪن ناهي:
پر هي چاهي!
تنهنجو نانءُ وٺي ٿو ماڻهو،
ڏو ڪان وڻءَ وڃان ٿو آئون
ڏو ڪي ڪونه مڃان ٿو آئون،
ڏو ڪي مٽيءَ جي ماڏوءَ جئن
ٻيهي روز ٻچان ٿو آئون!
تون ماڻهوءَ جي منهن تي ڇو ائن
نانگ جيان لهرائين ٿو؟
ڇو تون مون کي ڪائين ٿو؟
تون جو سارو سپنو آهين
ساپيا جي اگرن تي مون کي
نت نئون ترڪائين ٿو!
ڇا مان ڪو ديوانو آهيان
ڇو مون کي پسرائين ٿو؟
يا.... مون کي ڪجهه ڏي ته نه پيو آ،
منهنجو من تڙڪي ته نه پيو آهه

هيءَ ننڊ به امرت وانگر آ!
اڌ رات، وڇوڙي ول وهه جهڙا
پل پهر نه آهن پيالن ۾
اڄ منهنجا نيڻ اُجالن ۾
هن ڌرتيءَ جي اُنڌيارڻ مان
واجهائن ٿا،
۽ ٿو ڪي ويجهو پائن ٿا،
هيءَ ڌرتي ڪيڏي ڪاري آ!
انڌياري آ!
۽ تنهنجن منهنجن هردن جي
قولن تي ڪيڏو ڀاري آ!
هن ڌرتيءَ تي
ٿو ڪي مون ڪي ڪيلٽو ناهي
ڏينهن ڏني جو ملٽو ناهي،
لنگهڻ لڪن ۾ سوڙها آهن،
گهوڙها آهن
ماڪ ڦڙن ۾ باک ڦٽيءَ جا
ٿن سان تون منهن ڌوئين ڇو ٿي؟
روئين ڇو ٿي؟
دور سهي، پر ويجهو آهين
منهنجي سپنن ۾ تون سرڏي!
هيءَ ڪاري، انڌياري ڌرتي
سپنن جي بي انت نگر تي
اُن جو ڪوئي وس نه آهي،
آءُ، ستارن ڌان سپنن ۾
آءُ، هلي آ ــــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر سيلاب ۾  
دور لڙهندو ويو ٿي جڏهن خواب ۾  
ڪشتيءَ نوح جيئن—  
تو ڏٺو چوطرف رات ڪنهن روح جئن.  
سوچيو مون تڏهن  
(تو منهنجو ڏسي لڙڪ لاڙيا جڏهن)  
بمبئيءَ چو وڃين؟  
تون ڪراچي هئين، تون ڪراچي هئين!

## امير خسروءَ جي مزار تي

مون لاءِ اڄان
ديوار رڳو آئينو آ؛
تو اڄ ”به“ اُن ۾ چنڊ ڏسان
جو اُڀري آيو آهه مٿان
خسروءَ جي دَرخشان مرقد تي ـ
۽ ”گيتا“ کيڏي پيار منجهان
هڪ شمع جلائي آ تو مان
جا روشنيون ڦهلائي ٿي
خسروءَ تي نور وسائي ٿي.
ديوار رڳو آئينو آ
جنهن مستقبل جي ڏيک ڏني
مان سوچان تو ڪجهه دور ڏسي
جي منهنجي شمع وسامي ٿي،
هي چنڊ سدائين رهندو آ
خسروءَ جي مرقد تي؛
هي چنڊ نه بيٺو آهه ڪٿي
ڪهڙيءَ به سرحد تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آڳڪٽي

ڏسان تو ڇا ڇا؟
ڇڻ آڏري شاهين جا
پون تا پاڇا!

ڏسان تو ڇا ڇا؟
آڙ ڪان ايندا ڪٽڪ
نڪرا گهوڙا ڇا؟

ڏسان تو ڇا ڇا؟
تو تي رتي باڪ ڪا
آيري تي ڪاڇا

ڏسان تو ڇا ڇا؟
هو جي منهنجا سپرين
وري ايندا ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوهي دروازي تي تالو
ڇا اُن کُلڻو ناهي؟
جهلَرُ ايئن تہ نہ مڇڻو آهي!
هي تالو جو آهي نرالو،
ڇڻ جهلَرَ جي ڪوپرَ وانگر
سڀ ڪنهن کي ڳنڍجي ويڇڻو آهي،
هر جهلي ڇڻ روز پڇي ٿو
ڇو هي دروازي تي تالو
اڃان لڳو پيو آهي؟
اڃان لڳو پيو آهي؟

## فلسطين جو گيت

جلاوطن يارو
اوهان ٻنان کو نانهه اوهان جو نيتارو!
سچ سدائين آيـريـو آهـي اويـارو
غلط اٿـو چارو
وڃو نه لهوارو!
جلاوطن يارو!
جيت نه آ ڏارو
هار سدائين ڪوڙ جي آهي
سوڀ سدائين سچ جي آهي.
ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهو اڄ
سچ جو بالا ٻول ڪيو اڄ
هـا اهـڙو ماحول ڪيو اڄ
جو آيري نعرو:
"پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
"پيهر حاصل ڪرڻو آهي
"پنهنجن بندوقن کي تاڻي
"هر دشمن کي موت آماڻي،
"پنهنجو ديس اسان کي هاڻي
"پيهر حاصل ڪرڻو آهي." —

نعرو ڪو هٿيار نہ آهي
پوءِ بہ اُن سان ڪائي تُنهنجي
دل کي ڇڻ تسڪين ملي ٿي.
زندان جون ديوارون ٿو لئہ
روز اگهي ڪانُ اوچيون، ليڪن
نعري لئہ ديوار نہ آهي؛
روز ٽپي ديوار وڃي ٿو
ڇڻ تہ پراهين پار وڃي ٿو؛
ها، پر هاڻي تنهنجا نعرا
توکان پهريدار کسين ٿا
توکي گونگو ڪُس ڏسين ٿا -

سيئي هاڻي اِئن سوچين ٿا،
”نعري مان ڇا ملڻو آهي؟
”نعرو ڪائي گولي ناهي،
”ها دشمن تي وارُ تہ آهي،
”نعرو پر هٿيارُ نہ آهي
”اُن جي چيڙائي تي آجُ ڪوئي
”آزاديءَ جو پارُ نہ آهي“

ساري ديس ڇڏي سڀ نعرا
چُپ، ڇپن تي لاڏي آهي
اندر جهاڙي پاڙي آهي. ــ

هي سنڌوءَ جي چٽر ۾ ٻنهنجو
لاش پيو آ —
عطر عنبير جي آن ۾ ڪائي
اڄ بہ خوشبو آهي،
تنهنجي موت حياتيءَ ۾ جڻ
ساڳيو جادو آهي!
باقي تنهنجي ساري سٿنيا
اڌري وئي آ
جڻ ڀڄري مان ڪائي مئنا
اڌري وئي آ!
آءٌ پڇان ٿو ڪهڙي توکان، ”ڇا
”اڄ بہ تنهنجا نيڻ ڏسن ٿا
”تلوارن جا تيج هوا ۾؟
”ڀيهر رت جا ريج هوا ۾؟
”هرنڌڙ ڪائي هيج هوا ۾؟
”يا تون منهنجي نظم لکڻ لئہ
”ماريو ويو هئين؟“

هي جو اختياري ڌرتيءَ تي راڄ ڪري ٿو
ماڻهو نِندا ڪن ٿا هُو جنهن وقت مري ٿو؛
سچ آيري ٿو هُن جا سچ ڪرتوت ڏسن ٿا
هُن جي پُر پُر مِٽيءَ ۾ سڀ ٻيوٽ ڏسن ٿا،
۽ هو پاڻ مِٽيءَ سان مِٽي ٿيو ويو آهي
ڪِنهن چنچي ڪنهن وقت هتي هو جيئي ويو آهي!
جيڪو هُن ڪان پوءِ اچي آپمان ڇهڪي ٿو
ڪونه لهي ٿو، ڪُرسيءَ تي جئين پير رکي ٿو
اُن سمجهي ٿو ”خال تہ مون کي مرڻو ناهي
”ٿهڪو ڪائي پيپ“ مٽيءَ جئو پرڻو ناهي،
”مون ڪان اڳ ۾ جي آيا تن وانگر مون کي
”مرڻو ناهي، مرڻو ناهي، مرڻو ناهي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ لئه روز مَرن ٿا
ماڻهوئڙا.
ايشيا ۾ آفريڪا آهي
لاطيني آمريڪا آهي،
مرندي ٿائين ڪونه ڊَرن ٿا،
ماڻهوئڙا.
آخر هي آزاد ته ٿيندا
پر ڇا هي جلاد نه ٿيندا؟
ڪَنڌَ آڏيءَ تي روز ڌَرن ٿا،
ماڻهوئڙا.
ڪلهه جن آزادي ٿي چاهي
ڌاهن ٿا ٻئي ڪنهن لئه ڦاهي
فاتح ٿي جنهن وقت وَرن ٿا
ماڻهوئڙا.
واه! آهائي ڪار ڪَرن ٿا
ماڻهوئڙا
جنهن مان جند ڇڏائڻ خاطر
روز مَرن ٿا
ماڻهوئڙا!
ويريءَ جا جنهن وقت آڏيءَ تي
ڪنڌ ڌرَن ٿا
ماڻهوئڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واءِ، اُهائي ڪارِ ڪَرن ٿيا
ماڻهوئڙا!
ماڻهوئڙا
او ماڻهوئڙا،
او ماڻهوڙا!!

راڳ - مهاڇڻ ڪوئي ناهي هرڪو پاڻ وڏو آ،
پر جنهن کي بندوق نہ آهي سو ڇڻ مڙس جڏو آ.

هائو، هي مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

بادل آيا، ڪيڏي اڻ تڻ آهي تازن ۾،
مور اڏائڻ، گونجي ٿي بندوق پهاڙن ۾.

ڪالهہ ڪتيتا جي رس تي جهي چارڻ ايندا ها
روز لٽريءَ ۾ ڪوئي پارڻ پارڻ ايندا ها،

هاٿي هن بندوق جي تڙ تڙ اهڙي واڻي آ،
هرڪو چاڻي ٿو تہ انهيءَ جي آمر کهاڙي آ.

هائو، هيءَ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

”جو ڇوڏين ٿو
سا حقيقت آهي، شاعر،
پر اهو ممڪن نہ آهي“

مان پڇان ٿو،
”ڪوڙ ڇو ممڪن لڳي ٿو؟

”سچ“ ڇو ممڪن نہ آهي!
”جهڙ“ اندر جو سچ“ آهي
”ٿورڙو روشن لڳي ٿو
”ڇو بہ روشن نہ آهي!

”سچ“ آخر سچ“ آهي؟
”ڪوڙ“ آخر ڪوڙ“ آهي!
”ڪيستائين ڪو نہ مڃيندو
”سچ“ بہ جو سچ“ آهي؟

”جي پتنگ آهين تہ پيارا
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!
”جو بہ مڃيندو سيان، تنهن
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!“

موت مسئلو ناهي
مسئلو حياتي آ؛
پرسڪون ڪيڏي آ
دور جا مماتي آ!

ڪيترا نه ڏولاوا
مون هتي ڏٺا آهن،
زندگيءَ جا لمحا
پوءِ پيا مِٺيا آهن.

ڪنهن به ڪونه چاتو آ،
نيٺ انت ڇا آهي،
اختتام کان اڳتي
ڪابه ابتدا آهي!

خون بها حياتيءَ جو
مون اڃان نه پاتو آ
ڪيترو ڪڏهن ملندو؟
هي به ڪونه ڄاتو آ.

مون ڪڏهن ڇني ڳل کي
پيتيو نه آ خود سان؛
جا سڳنڌ آ مون ۾
ڌار نانهه تاريءَ کان.

سنڌ کان سوا منهنجي
شاعري اجائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

هي شاعر جي لهرائن ٿا
هي جيڪي آداب عرض ڪن،
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي-

سچ چوڻ کان ڪيٻائن ٿا
ڏاڍ ڏمر کان گهٻرائن ٿا،
بي ٻڏديءَ کان داد گهرن ٿا
بي شرميءَ سان شرمائن ٿا،
ڪوڙ ڪوڙ تي جهن ڪي ڪتا
جن جي جيلهہ پڇي پوندي آ،
ڪنهن جي اوڀر ڏانهن نهاري
رڙهنيدا آهن پيٽ سهاري،
هي بہ انهين ڏي واجهائن ٿا
پنهنجي جهولي ڦهلائن ٿا-

هي شاعر جي ڪانئر آهن
جن ٻوليءَ جي سگهہ ورڪي آ
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي.

پنهنجي جيئري پارو
انقلاب اچڻو آ؛

ڪا تہ جنگ ٿيڻي آ
ڪوڙ جي نقيبن سان؛
ڇڻ وري گذرڻي آ
عمر تن عجيبن سان،

زندگي سڄي پنهنجي
جن ڪڙين ۾ ڪاٽي آ،
جي سدا امر آهن
تن گهڙين ۾ ڪاٽي آ،

چُپ چاپ رهڻ ڪيسين
خامشي عذاب آهي؛
موت کان بہ بدتر آ
زندگي عذاب آهي،

اِن عذاب جو هاڻي
ڪو حساب اچڻو آ؛
پنهنجي جيئري پارو
انقلاب اچڻو آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ناهه پرائي آهي
پوءِ ڀي ته ڪنهن جي جائي آهي!

هيءَ جا تنهنجي ڌيءَ نه آهي،
هيءَ جا تنهنجي ماءُ نه آهي،
ڪنهن جي ڌيءَ ته آهي
ڪنهن جي ماءُ ته آهي!

ان ۾ ڪا ئي ممتا آهي
تنهنجي ماءُ جيان،
ان ۾ ڪائي مجتا آهي
تنهنجي ڌيءَ جيان.

آدرياءُ ڪرين شل ان جو
پنهنجي ماءُ ڏسي،
ان جي سِر تي هٿ ڌرين شل
پنهنجي ڌيءَ ڏسي!

هيءَ جا توسان پيار ونڊي تي
ڪنڌ ڪلهي تي لاڙي پنهنجو
هيءَ جا توتي ڳاٽ رکي تي،
اهڙو ڏسي انسان ته آهي
رت ماس جو ساڳيو پتلو،

جهڙي تنهنجي ماءُ هجي،
جهڙي تنهنجي ڌيءَ هجي! —

حڪمرانن کي ڪونه مڃون ٿا
پوءِ به اسان محڪوم ته آهيون؛
ظالم لاءِ تہ نفرت آهي
پوءِ به اسان مظلوم ته آهيون!

چانڊوڪي جو ناڪاري پاڇو
سو به ضروري آهي سائي،
هائڊروڪاري پيڙڪ بنان پر
چانڊ نہ پوري آهي سائي!

اڄ ڪان اڳتي ڇا ڪرڻو آ؟
اڄ ڪان اڳتي ڇا ٿيڻو آ؟
(اڳ به اسين نادان هياسين
هاڻي توکي ڇا ڏيڻو آ؟)

سڄ لهي ٿو ڪارونڀهر تي
پوپٽن مور ڏهوڪا ڪن ٿا؛
ڪيڏي ڪاري رات لٿي آ؟
پاڇا ڇا ڇا ڏيک ڏين ٿا!

اهڙي گهري انڌياري ۾
تون ڪو چنڊ اڀاري سگهندين؟
سيءُ لٿو آ، اڳتي ڏکن ٿا
تون ڪو ٻارڻ ٻاري سگهندين؟

تون جو اڄ اڳواڻ بڻيو آن
سارو ڪوڙ مٽائي سگهندين؟
جا ڌرتي تو ڪالهه وڃائي،
سا ڌرتي اڄ پائي سگهندين؟

تنهنجون ڳڀليون ڳالهيون ڇڻ ڪي
ڪِڪِريءَ ڪاريون آهن؛
ڇِپَّ پٽيءَ چرڙاٽ ڪري ٿي
اَپَّ اُڏاريون آهن؛
آهه اِنهيءَ لئه ڇُپر ۾ آهيان
توکي رَدَّ* ڏيڻ جي چاهيان
شبدڪوش ۾ ٻول نه آهن
ڪچيون گاريون آهن!
ڪنهن تي سوچان؟ ڇا تي سوچان؟
جيڪي آهه رَدِي آهي؛
تو وٽ جيڪا نيڪي آهي،
منهنجي لاءِ بَدي آهي؛
توکي تو جنهن وقت ٻُڌاڻ مان
هڪڙي ڳالهه ٻڌڻ تو چاهيان،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاريون تا
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟

---

* شبدڪوش = ڊڪشنري، لغت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٽا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جهڙي
اهڙي ڳهري چيخ ٽين ٽا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

هاڻي سڀڙ ڀهاڻي نڪري
ڪاسٽرو جي ڪيوبا يانڪي *
ڪيڏي هيبت ساڻ ڏسن ٿا!
ڪيڏيءَ حسرت ساڻ ڏسن ٿا!

---

* فدل ڪاسٽرو = ڪيوبا انقلابي مُنهندار
يانڪي = آمريڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهہ جڏهن مون واريا سي ڀِرَ
گگا گيون، گپرُ، گينڊير ڏسي،
سڄ جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سون وڏي ساواڻ هئي
مُنهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو:

تيسين تي تيڏانهن ڏٺو
سارو سڄ ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چپ اٿين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رت لڳن!

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
وڪٽر جارا کي. *

هي جو چليءَ جو راڳي آ
منهنجي پياري جيان آ،
اُن جي ڏُکيارِي ڌرتي جڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.

سڀ انسان ڀـڏا ڀيا آهن
ڏُک جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي ڳوڙهي ڳنڍ نه آهي
سُک جي ڪنهن رشتي ۾.

هن جي ٻولي آءٌ نه ڄاڻان،
تنهن جي اُن جو درد سڃاڻان.

منهنجا گيت سمايل آهن
جڻ هُن جي ٻوليءَ ۾،
جيئن ڳهاوَ لڪايل آهن
جڻ هُن جي ٻوليءَ ۾.

سچ ڳالهه ۾ آهي هن ڪي،
ٻول نه، شعلا آهن،
مون کي شڪ نه آ، هي منهنجن
گيتن جهڙا آهن.

* وڪٽر جارا (Victor Jara) = هسپانوي ٻوليءَ جو راڳي شاعر، جو چليءَ جو رهاڪو آهي.

## اورنگيءَ ۾ فساد

اورنگيءَ جي چوراهي تي
دور جلايل بس جو دونهون
جنهن ۾ ڪجهه للڪارا آهن-
آسمانَ ۾ تارا آهن
جن جي ڏم ڏم لالَ لهوءَ ۾
ڌرتيءَ تي ڏيکاري ڏي ٿي-
ڪنهن جو لال لهو آهي هي؟
ڪالهه اِنهيءَ ڏاڪا جا رستا
ڪنهن معنيٰ جي لاءِ رڱيا ها-
معنيٰ، جا بي معنيٰ نڪتي؛
۽ جنهن تي تاريخ جا طعنا
اڄ بندوقن جي ٻوليءَ ۾،
(ٻولي جيڪا اُردو ناهي)
زور زور سان گونجن ٿا.

## اپريل 1985ع

ڪنهن جو خون وهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڊاير؟
توکي ڪيئي سال مٿي ٿيا
روم روم مان تنهنجي ٽڪتا
جيڪي ڪيڙا
سڀ ٻه مٺيءَ سان مِٺي تي ويا-
ڪالهه مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!
توکي عمر ملي ڇو ايڏي
او ڊاير!
مون ته ٻُڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي
ظالم قائم دائم ناهي“
ها، پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ کي
مات ڏئي ويو آهين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿرڊ ڪلاس جي گاڏيءَ ۾ هوءَ
ڇاتيءَ تان ڪجهه اڻگي ريڙهي
ٻار کي ٻڌو ڏئي ٿي—
”ڊڪ ڊڪ هاٽي—ڊڪ ڊڪ هاٽي“
گاڏي ڇڻ ته ڇڄوي ٿي؛
آڏيءَ اکين ڏسي ٿي
هن جي پيءُ کان پوڙهو ماڻهو
مڇون ڪوڙيل
— پر ڏاڙهيءَ سان ٿوڙهو ماڻهو،
ڇڻ نظرن جي آڱرين سان
هن جي ڇاتيءَ جي ڏانديءَ تان
گل ٿو چُني.

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي
جي ڏِسِي نابين آهن،
تو کان تنهنجو خون ڇاهن،
۽ ڏِئين تون!
سرخرو پنهنجي چريائيءَ تي ڏِسِين تون!
او مجنون!
تنهنجي ليلي قحبہ آهي!
قحبہ آهي!
قحبہ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳيرو،
ڳاڙها،
۽ ڳَرَ وارا
لفظ، اُنهن جي
پيشانيءَ تي
گهُنج نه آهن؛
منهنجي ڪوتا
تن کي امرتا
آڇي آهي،
اِندرڌنش جهڙن
ڪوملتا، جا
آنت سمي تائين هلڻي آ.

هي ڏيکارا
رنگا رنگ ڳلن جا ٻارا
جن تي موت جا پاڇا آهن!
ديوارن ۾ ڌڪا آهن،
لوڪ پڇن ٿا
وڪ وڪ تي سٽڪا آهن،
ٽُنڪ اڇن ٿا
گولن جا ڳڙاٽ آڙي ڙي!
ماٺهوئڙن جا
رستن تي رانڀاٽ آڙي ڙي!
ٻڳ ٻڳ لاشا
تن جا لاڙيل ڳاٽ آڙي ڙي!
۽ پوءِ مات جڳن جي آهي....
هاڻي آڇنگارن ۾ ڇاهي؟
ديس آها ڳاڏي آ جنهن جو
ڦيٿو ڦيٿو ڏار ٻيو آ.

ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن ـ
هر ماڻهوءَ کي بک لڳي ٿي،
هر ماڻهوءَ کي اُڃ لڳي ٿي،
پيار ٻنهي جو هر ماڻهوءَ کي
ساري دنيا سچ لڳي ٿي؛

توڙي تن جي قوم الڳ آ
توڙي تن جو رنگ الڳ آ
توڙي تن جا ٻول نه ساڳيا
توڙي سڀ جو سنگ الڳ آ
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن ـ

هيءَ به حقيقت آهي ليڪن
ڪي ماڻهوءَ جو روپ رکن ٿا
سچ ته شڪاري ڪتا آهن
ڪارا توڙي اڇا، تن کي
هڪجهڙا ڪاٽيندا آهن؛

اڇا ڪتا ڪارا ڪتا
آپي شاهيءَ وارا ڪتا
فوجي ورديءَ وارا ڪتا،
سارا پونجيءَ وارا ڪتا،
ها، ها، سڀ هڪجهڙا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دهشت پسند جو موت

پنهنجي ڪلاشنڪوف ڪي
ايذي ساري خوف ڪي
ويڙهي، مٿي هيٺان رکي
هُو آ سُتو.
چُپ چاپ پيري ٽيا اچن
وڏردين سيانو ويري ٽيا اچن
ٿرٽي سنگهي ٿو موت جو
ڪارو ڪُتو-
ڪولي چُٺي ڪرڙات سان،
لُڇ لُنڊ ولاري لات سان،
شعلو هوا مان اوچتو
هِن ڀر ڪُتو-
هُن موت کان معنيٰ مڱي
آ رت ۾ جي رُومي چڱي،
ڪُوڙها ته ڪجهه ناهن، رڳو
پاڻي ٽُٽو-

اڄ تن جي بندوقن مان
ڪيئي ڪيرڙ ڪڪوريا آهن
ڪيئي ڪنيڊا موريا آهن
لفظ صفحن تان موڙ مُڪمٽ تي
متن متان مدّماتا آهن،
لال لهوءَ ۾ لويل گهوڙن
چا چا سهرا پاتا آهن!

چوڌاري جهرجهنگ پرن تا
چنگ چپن جو چوريا آهن؛
موت، آمڙ جي لوليءَ وانگر
ڪنهن باجهاري پوليءَ وانگر،
ننڊ هندوري وانگر تن جي
ديس متان جي گهوريا آهن.
ڪيڏا سپنا نڪتا آهن
اڄ تن وڙيل صندوقن مان!

هي وڻ، جو ڪجهه نيوڙي پيو آ
مٿهه وڙهي چڙهي واچوڙي سان
ٽڪجي پيو آ-
سِج ”آنهيءَ کي اڄ چنڊڻ کان
چڙهي تہ چڪي ٿو
چڙهي تہ چوي ٿو،
”تياري ڪر طوفان اچي ٿو
”ڪو اُوکو امڪان اچي ٿو.“

وَتَنُ ٻہ ساڳيو واسُ ٻہ ساڳيو،
مَنُ ٻہ ساڳيو ماسُ ٻہ ساڳيو،
ڌرتي ۽ آڪاسُ ٻہ ساڳيو،
اڙڻو آتھاسُ ٻہ ساڳيو؛
پنھنجو جيءَ جياپو ساڳيو
پنھنجو ناسُ وِناسُ ٻہ ساڳيو،

هڪٻئي کي ڇا لاءِ مِٽايون؟
هڪٻئي سان گڏ ڇو نہ جيئون ٿا؟
هڪٻئي جو هَٿُ ڇو نہ وٺون ٿا؟
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نہ ڏيون ٿا؟
ٻَڌو سَاگَر جا ٻول ڏسي ٻيي
هڪٻئي جو مَدُّ ڇو نہ ٿيون ٿا؟

هڪٻئي سان گَڏُ ڇو نہ جيون ٿا؟
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نہ ڏيون ٿا؟
هڪٻئي جو مَدُّ ڇو نہ ٿيون ٿا؟

## فاشي فوج جي شڪست

هُو اُپاٽيل ۽ آپالا ٿا اچن
لڙڪ ڳاڙائيندا اچن ٿا
ٽيهڙ ڪائيندا اچن ٿا
راهه تي ڪيڏا رسالا ٿا اچن!

ڪيتري آڪڙ ڪندا ها!
ڪيتري ٻڙ ٻڙ ڪندا ها!
مورڪائپيءَ جا زوالا ٿا اچن!

ڇا سياڻپ هار پنهنجي
ياد رکندا مار پنهنجي؟
ڪيترو مايوس سالا ٿا اچن!

عمر گذري وئي،
ڏکڻ هن ديس جا
اڄ به سا ڳا هتا
جي هتا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ
ٽيهه يا ويهه اڳ،
کو به ڦيرو نه آ
ديس جي دانهن ۾!

امن جي فاخته
پَرشڪسته، اڏري
چڙهي سگهي ڪانه ٿي؛
اڄ به ساڳيا جهنڊا
ٿا هوا ۾ جهلن،
اڄ به ساڳيا ڪنڊا
راهه ۾ ٿا چڀن؛

اڄ به ديوار آهي، اڳي ڪان وڏي
ڪانه آهي سگهيو ڪو به جيڪا ٽپي؛
اجنبي، اجنبي آدمي ٿا ملن
اجنبي گهور سان راهه تي ٿا ڪيلن!

ماڻهپو ڪونه آ،
ماڻهپي جو ڏکر
هيئن هن ديس ۾
اڳ پيو ڪونه آ!

انقلابي آئو!
اڄ تہ هن ديس جو
سڏ ورنائيو!
سڏ تي آءٌ ڪيسين اڪيلو وڃان؟
گڏ ورنائيو!
گڏ ورنائيو!
سڏ ورنائيو!
سڏ ورنائيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻڏري آهي!
چڻ ته ڪا چڙي آهي
اندريون وڍيي تي جا،
ديس منجهه هونديءِ چڻ
ديس مان ڪٽيءِ تي جاءِ

جسيءَ. جي جلاوطني
پاڻ کڻهن گهري آهي!

چيا ڪري اگر ماڻهو
ديس ۾ وديسي آ!
وس اِن تي کهڙو
ڳالهه ٿي ته اهڙي آ!
ڪيترو ڪڙري آهي!

جسيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻڏري آهي!

هو سڀ آڏيءَ رات آچن ٿا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

مڱر مانَ جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪڙي پوياں، سيڙهيون آهن
تن تي ڳڙجي هيٺ لهن ٿا،
دودي ٿائين، ٻاگهيءَ ٿائين—
ڪنڌ ڪنڌ ۾ ديپ جلن ٿا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

جيڪي ڪالھ انهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سيَ ٻيه آئن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجي پيرَن هيٺان
لاشُ چنيسرَ جو چيپاٽي
چاڙي ڪولي، اوڇي ڳاٽي
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي سياهيءَ ۾
روشنيءَ جي جهرمر آ؛

ڪيترا نوان ماڻهو
سچ ڏي وڌن ٿا پيا
چنڊ پتنگ آهن جي
مچ ڏي وڌن ٿا پيا؛

ڪُوڙ جا نوان حربا
ڪم نه ٿا اچن هاڻي
ڪوڙ سان نوان شعلا
ڪونه ٿا مچن هاڻي؛

ڪوڙ جا حواري سب
روز و شب ٻڪن ٿا پيا
آدمي انهن ڪان پر
ڪونه اڄ ڏڪن ٿا پيا؛

تون اڪيلڙي اي دل
ڪيترو وڙهي آهين!
راهه تي اڳي ڪان تون
ڪيترو رڙهي آهين؟

پيا بس ٿا وڌن هاڻي
ڪيترا قدم اي دل!
واهه ۾ پيا ڦٽڪن
ڪيترا علم اي دل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڄ ۔ گهاٽ ٽي چنڊ

وکٽ وکٽ ۾ ٽن سان
جيڪڏهن هلي هلندينءَ،
منزلون وڏي ملنديون
ٽون جڏهن هلي هلندينءَ۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت ٻه ڇڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جڏهن جڏهن جاڙ وڏي تي جڳ ۾
هو ٻوليءَ جهڙي آڙ چڻن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موتي منجهه ٻهاڙ چڻن ٿا؛

ڪيڏي تيرڇي تاڙ رکن ٿا
اُتر اُڀري لاڙ چڻن ٿا؛
ساونڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل تي آڪاڙ چڻن ٿا.

ڪالهه هيا جي سُرخ گلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيت ٻه ڇڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جوت ٻرندي رهي
رات ٽرندي رهي....

باک جي ساک مان اڄ ڏني ٿو وچان!
اڄ چئي ٿو وچان
”سج“ لالاڻ سان
”مٽ“ ريٽي جيان
”نيٽ سنڌوءَ مٿان
”اُپرندو ساٿيو!“ مان چئي ٿو وچان،
باک جي ساک مان اڄ ڏئي ٿو وچان.

هاڻ هاريو مٿان!
پير اڳتي اچان....
نير نيڻان اُگهو
پنڌ ويجهو پيو آهي آن باک جو،
گيت منهنجي ڪٿي
آهي جا اڳڪٿي
تنهن انوکيءَ صدا جي سچيءَ ساک جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀُلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 15 | 3 | ڪيچ | ڪَڇ |
| 25 | 13 | ڦہ لاڙ | تہ لاڙ |
| 52 | 4 | ٻہ تنهنجو | ٻہ تہ تنهنجو |
| 91 | 1 | اڏارت | اڏ رات |
| 91 | 6 | پارن | يارن |
| 93 | 4 | تو ڏادي | تون ڏادي |
| 94 | 1 | تو | توکي |
| 104 | 2 | دوہ ياهہ | درياهہ ۾ |
| 116 | 10 | زنجيرن | زنجيرون |
| 129 | 13 | ڇُڙَ ڇُڙَ | ڇُڙَ پُڙَ |
| 162 | 10 | ڪيتن | ڪيت |
| 171 | آخري | سمنڊ | سنڌ |
| 208 | 14 | ڇاهيان | چاهيان |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوئٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٹٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)